ای چندِ ستائی چنجان!

انور پیرزادو

اي چند

پٽائيءَ

کي

چئجان!

—— انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Ae Chanda Bhittai khey chaejan..

(Poetry)

— Anwer Pirzado

ڪاپي رائيٽ:	شاعر (انور پيرزادو)
ڇپائيءَ جو سال:	2005ع
ڇپائيندڙ:	باک ٽرسٽ
ڪمپوزر:	مسافر ابڙو
ٽائيٽل:	منور ابڙو
قيمت:	200/ رپيا

Imam Bux Alam khatoon (Bakh) Trust Balhreiji

P.o. Mohen-jo-Daro

District Larkano

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

عشق جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستاءُ....

• اداري طرفان	1-2
• رتوچاڻ سونهن جو شهيد گل	3-8
• آدرشن جي پڳ ٽوٽ	9-13
• زندگي هڪ آپريشن ٿيٽر	14-19
• ڪنٽراست	20-21
• حياتيءَ جو رومانس	22-23
• مونکي پنهنجا هاريل ڳوڙها واپس ڏي	24-26
• هيءَ ڪنهن جي ياد جي پيڙا آهي	27
• اَن رومائنٽڪ	28-30
• Feudalism	31
• تعذير	32
• Lover's day	33-34
• زندگيءَ جي حياتيءَ جو سوال	35-36
• ڪارنهن جا چٽا	37-38
• اي چند پٽائيءَ کي چئجان!	39-40
• مونکي تنهنجو شهر تہ ڏاڏو پاسي ٿو	41-42
• ادب	43-47
• وڍيل، چڇريل، ڏڏريل، پيڙهيل	48-49
• جڏهن تنهنجي ساهن ۾ وهنجي	50-51
• مينهوڳي	52-54
• سنڌ	55
• جيون	56-58
• پارن جو عالمي ڏينهن	59-66
• شادي	67
• Rainfall in Karachi	68-73
• پريم پتر	74-77
• ماڻهو	78
• انقلابي	79-82
• سنڌو	83

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- تون چوين ٿي ته.... 84-85
- ڪراچي 86
- بندش 87
- سُورهڪ جاءِ تي هجي.ته ڪٽي صبر ڪجي! 88
- ڪاري 89-90
- Abstraction 91
- سوال 92
- طلاق 93
- آزادي 94
- اُجالا، اُجالا 95
- اُجا رات آهي 96
- هوا جا جهوٽڙا ٿا سانت توڙن 97
- اصلاح معاشره 98-101
- سڄ جڏ پي لٽو آ سانجهيءَ جو 102
- تنهنجي نازڪ چوپي نڪ ۾ 103
- هڪڙوهئي ڪي چوي ٽو 104
- بلوچ گوريلو 105-106
- جيون منهنجو سر سنگيت 107
- منهنجي جاڳ ته جلندي رهندي 108
- مان هي گيت نه ڏيندس توکي 109
- رئندڙ ٻا رکي پرچائڻ لئه 110-111
- چوٻهين مارچ 1971ع 112-113
- غيرجانبدار اديب ڏانهن 114-115
- ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان 116-118
- قلم گويد ڪه من شاهه جهانم! 119
- ايترو وقت هجي 120-121
- تنهنجي روئي وهڻ سان 122
- پيار جي ڪيترن چوواٽن تي 123
- پنهنجو توکي ڏسي به 124
- پسمنظر 125

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• آءٌ پنهنجي ئي ليکي جڳ آهيان	126
• عورت ذات اصل کان ڪاري آهي	127
• ٻيلي ۾ هڪ چوواڻي تي	128-130
• وقت جو واءُ ورائي آيو	131-132
• دور توکان پڇڻ جي خاطر مان	133-134
• 20th Century	135
• مدر مدر سنگيت چٽي ٽي	136
• تنهنجي جسم جو ڇهاءُ	137
• فن جو دشمن	138
• اندر جي ٻوڏ	139
• باک ڦٽندي	140
• مست اکين جو ڏوراپو	141-142
• منهنجي ذات ڏکويل ڏاڍي	143-144
• سچ تي سر ڏيڻ نہ ڏو چاهين!	145-146
• ڪيئن لکان؟	147-148
• جڳ تي ڇهڙي ڪاري رات	149-150
• سچ ۽ ڪوڙ	151-152
• مون تہ تڏهين چيو هو	153
• چٽ	154-155
• ماڻ	156-157
• ساروٽيون	158
• چئلينج	159
• ماڻهوءَ پڻيان پاڇي وانگر	160
• امتحان	161
• اداس رات	162
• پيءُ وٽ ڪجهہ هجي	163
• مومل	164
• الهوٽ نند ۾	165
• هڪ گهڙي هڪ جنم	166
• سندر سپنو	167

• آڏت	168
• انسپائيريشن	169
• هي جڳ امر	170
• جا عمر! تو مَل عيد!	171
• لوڪ سمهي پيو	172
• هاريءَ ڏاند	173-175
• مارشلائي سنڌ	176
• ماڻهوءَ جو جڏ چيڇاڙي	177-178
• تنهنجي سهڻي چوٽيءَ جو وار	179
• Agitation	180-181
• جنهن ويري تو	182
• ڪوڙي خبر	183-184
• مئي ڊي	185-186
• ڦٽڪو	187
• ترٽيل نيٽ جو ڊگهو ڇهبڪ	188
• بلوچستان	189
• ڪنهن ته جنم ۾	190
• پاڙي جو در	191-192
• سچ	193-194
• ڪم-چي-ها جي نالي	195-196
• نندا نظم	197-221
• غزل	222-228
• ٽيڑو	229-234
• چئوسٽا	235-237
• ترائيل	238-239
• دوها، وايون، گيت	240-254

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري طرفان.....

جديد سنڌي ادب جي اها بہ هڪ بدقسمتي آهي جو ڪيترو نئون سرجندڙ ادب اشاعت کان محروم رهجي وڃي ٿو. سنڌ ۾ اهڙا ادارا گهٽائيءَ ۾ موجود نہ آهن، جيڪي اهڙي ڪم کي يقيني بڻائين. نتيجي ۾ اهو نڪور ادب اخبارن ۽ رسالن ۾ دفن ٿي وڃي ٿو ۽ تحقيقي ۽ تاريخي ريفرنس لاءِ موجود نہ ٿو رهي.

اهڙي بدقسمتيءَ جو شڪار انور پيرزادو بہ رهيو آهي، جنهن جي ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي حيثيت مڃيل ته آهي پر ان جو ڪوبہ ڪتاب هن وقت تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي ۽ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ان جو نقصان انور پيرزادي کي شخصي طور تي گهٽ ۽ سنڌي ادب کي مجموعي طور تي وڌيڪ ٿيو آهي 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ سرجندڙ هيءَ شاعري، جيڪا اسان هن وقت ڪتاب جي شڪل ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪڏهن بر وقت ڇپجي اچي ها ته سنڌي شاعريءَ جو ارتقائي اڀياس گهٽو اڳ ڪرڻ ۾ مدد ملي ها.

اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته هي ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي تاريخي اڀياس لاءِ گم ٿيل ڪڙيءَ وانگر آهي. 70ع ۽ 80ع وارا ڏهاڪا سنڌي معاشري ۽ ادب لاءِ هڪ اهم دور رهيا آهن. سنڌي سماج جي سامهون اها چئلينج سياسي ۽ معاشرتي طور تي ايري آئي هئي جتي تاريخي طور تي سهپ ۽ دانش وارين روايتن کي اڻسهپ ۽ انتهاپسندي وارين روايتن ۾ تبديلي ڪرڻ جي شعوري ڪوشش رياستي ذريعن سان ڪئي وئي.

اهو آدرشن جي پڄ ٽوٽ جو زمانو پڻ رهيو ۽ ساڃهہ پريل طبقي کي جنهن ۾ اديب، شاعر ۽ صحافي بہ اچي وڃن ٿا، معاشري ۾ اڪيلو ڪيوويو.

هن شاعريءَ ۾ اهڙي دانش مند شاعر جو سچو ۽ ڪرو اظهار شامل آهي. هيءَ شاعري رڳو سياسي ڪمينٽ نہ آهي پر هن ۾ شاعريءَ جي گهاڙيٽي، نئين محاري (Meta-phor) ۽ جديد اظهار جا تجربا پڻ موجود آهن، جيڪي تقليدي نہ پر تخليقي آهن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ قابل قدر اضافو آهن.

1971ع وارو سياسي بحران، جنهن دوران اوپر بنگال ۾ وڏو قتلام ٿيو ۽ ملڪ ٽٽي ويو، بلوچستان ۾ آپريشن ۽ يارهن سالن واري ڏڳهي ضيائي مارشل لا هن شاعريءَ جا ٻي وڏا موضوع آهن جڏهن ته عشق دائمي درد آهي، جنهن جو اظهار هن شاعريءَ ۾ ملي

ٿو. عشق جي نانءِ کيل هن شاعري جو اتهاس پٽائي کان ورتل آهي، جنهن جو محور عشق، انقلاب ۽ سنڌ آهي.

ان اميد سان ته هن شاعريءَ جو اڀياس ادب شناس ماڻهو ۽ نقاد کندا، هن کتاب جي شڪل ۾ هڪ تحفو سنڌي ادب کي ڏيئي رهيا آهيون.

باک ٽرسٽ ٻلهڙيجي پنهنجي تر ۾ علمي ۽ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺائڻ ۽ تخليقي ماڻهن جي همت افزائيءَ لاءِ اڳتي به پاڻ پتوڙيندي رهندي ۽ هن قدم جي موٽ جي صورت ۾ اڳتي لاءِ به پنهنجو ڪردار نپائيندي رهندي.

Imam-Bux-Alam Khatoon (Bakh) Trust, Balhreji(Near Mohen Jo Daro)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رتوچاڙ سونهن جو شهيد گلُ

حُسن،
موهَ جي ماڻن
ڀ سيئين وصفين- سهڻن
نازن سميت،
هڪ نئينءَ ساماڻل
غريب چوريءَ تي
وحيءَ وانگي
نازل ٿي رهيو آهي-
سونهن:
ماکيءَ جي لارَ جيان
گلابي ڳڻن،
چميءَ لاءِ تڙڦندڙ
چپن،
ڀ اکين
(جن جي گهورَ ڪائنات کي
گرمٽ وانگر آرپار ٽنگ ڪري
سگهي ٿي)
ڀ نئين ساماڻل جسم جي،
هر ڏيکيل، /اڻ ڏيکيل،
حصي تي
ڳڙي رهي آهي
حُسن جي پالوٽ،
مسلسل، تجلا ڏيندڙ

ڀ اڻ کٽندڙ آهي،
جنهن کي ڏسي
ڇُهي ڀ انجواءِ ڪري
انسان جي فاني هجڻ تي
سيسرائين وانگي
شڪ ايريو پون ٿا
وليئر وردس ورٽ جي
ليوسي گري، جهڙي
ڳوٺاڻي سونهن،
زندگي جي تيز وهندڙ چشمن تان
ڊگهيون ڀ چست چلانگون پري
ڪنهن اٽانگي چوواڻي تي،
اچي پهتيون آهن،
.....
حسن تي ناز،
ڏک ڀ غم جو مزو اڻ چکيل،
درد جي تنها پيچري تي
رکيل پهرين قدم کي ٿاپا،
پيار جا گهنگهرو
پيرن ۾ وڇڙيل
ڀ وکري ويل
غربت
لولهٽ، ڪنجهڪا،
آهون ڀ دانهون،
سونهن جي آنڊن ۾
بک جا ولهوٽ

پوءِ به سونهن
پرهه جي وسندڙ ماڪ جيان
مائي، اداس، سنجيده
چيندڙ ۾ چرڪائيندڙ
۾ جسم،
سيڪس، آرس ۾ ڪتڪايون
جوانيءَ جو سن بات،
جذباتي بحرانن جو ورڪشاپ-
بلوغت جي پڙڪندڙ
جذبن سان ٽمٽار
ننهن سوسڙو ماس
چلڪندڙ چاتيون،
ڪپڙن ۾ گُهنج،
هر ادا
هڪ حسين خواب،
هر عمل جڙ تہ پرفيڪٽ،
اخلاق، ايٽيڪيٽس، افعال
۾ طرز عمل
سڀ جڙ تہ حسن جي محلات ۾
ڪنيزون آهن
حسين غربت،
يا غريب حسن،
ٿر جي سونهن پرئي گل وانگر
فطرت جي رحم ڪرم تي
پلجندڙ
نہ دوا نہ درمل،

نہ ضمانت،
عزت، زندگي، مال
سلامتي،
هزارين طرفن کان ايندڙ
چوها واچوڙا،
۽ چيٽ ۾
گهلندڙ هوا جا
اتاولا جهوٽا،
بک ۾ پاهُ ٽيل
جوانيءَ جي ٽمڪندڙ ڏيئي کي
اجهائي ٽا ڇڏين،
۽ فطري، مادي
پاڪيزه ۽ جذباتي حُسن،
پنهنجي آخري حسين نظرن ۾
پنهنجو لاش اگهاڙو
هڏائون پنجرو
بدصورت ۽ بيڻرو ڍانچو
"The ever-ugly human skeleton."
پنهنجين خوبصورت
اکين سان ڏسي
بربا د ٿي ٿو ويجي
جواني
ڪڪريءَ جو پاڇو
پارجي هٿن ۾،(سج آڏو
آئيني مان پئدا ٿيندڙ اولڙو)
ڪنهن حسين اک چنپ،

ڀ سرءُ جي جھوڻي جيان،
مختصر، اڻ پوري ڀ ايجايل
جڙ جُھڙالي ۾ ڪا نڪانگري،
حُسن فنا آھي
ماڻھوءَ وانگي
بقا رڳو ماڻھپو آھي
حسن قرضي آھي
ماڻھوءَ وانگي
بکيو ڏکيو آھي،
فٽ پاٽن تي ريڑھيون ٽو پائي
.....
سونھن تہ جڙ ھن چيٽ ۾ بہ ڪانھي
سيءَ ۾ نُوٽ ٽي ويل تارين
جي انگورن مان .
لڳي ٿو جڙ ڪنھن
"ڪاريءَ" جي رت ۾ پڌل
گونڄ ڦٽو آھي،
رتو ڇاڻ سونھن جو شھيد گل،
جيڪو گِريو ڪري رھيو آھي
ان مادي ھيڄ تي
جيڪا ڏوکڙ تہ ڪمائي ٽي
پرگل کي ٽاريءَ مان
زور مان پٽي،
مٽ ۾ چيپائي،
مھٽي فرش تي اڇلائي،
ٽائر سول سان نابود.

ڪري ڇڏي ٿي
لڳي ٿو
منهنجي دنيا ۾
سونهن، سياڻ
آرٽ ۽ ڪلچر کي
ڪنهن نيوٽران بم سان
تباهه ڪري ڇڏيو آهي
ٽنڊل اڏاوتون،
فرنيچر ۽ بي ساهُ
ريڊيو ائڪٽو اثرات،
يادن جي ڀڳ ٽوٽ،
وستي ۾ ڦهليل آهي
جاگند جي ڏيرن تي
سونهن جي لاش جي
ڳولا ڪري رهي آهي.
امن جي ڳيري جي ڇُهنب مان
زيتون جي ٽاري کسي
دل ٿي چوي ڪو
ڊائنا مائيٽ رکي ڇڏجي-

آدرشن جي پگ ٽوٽ

پروڙ ٽيل دل مان
اهي اٽڪوزا ۽ تتل آدرش
نيندين کري وهي رهيا آهن
جيڪي تنهنجي جوپن پرئي جسم
۽ موهہ جي مَهڪ کي
ڏکڻ جي هير ۾
محسوس کري جوڙيا هئم-
.....
دل چوي ٿي
ته توتي جيڪي به لکيو اٿم
سو سهيڙي
توکي ڏئي ڇڏيان
ته تون ان کي ساڙي، رک کري
دائيءَ کي ڏئي ڇڏين
ته اها ان رک کي
ميندي ۽ جي انهيءَ ٽالهہ ۾ ملائي ڇڏي
(ڏوتين زائفن کان لکائي
۽ گهوٽ کان چوريءَ)
جنهن مان شاديءَ رات
تنهنجن هٿن ۽ پيرن کي

ميندي لاتي ويندي-
.....
اهو احساس
کيڏو ستائيندڙ
کيڏو وندرائيندڙ
جِهيرڏيندڙ
۽ اداس ڪندڙ آهي
تہ مان توکي
حاصل ڪري نڏو سگهان
.....
ڏُکَ هجي،
اهڙن قدرن،
قانونن، رسمن،
۽ روايتن کي
جيڪي
توکي ۽ مونکي پاڻ ۾
ملڻ نٿا ڏين
باهہ ڏئي ساڙجي
اهڙي نسل کي
جيڪو بي چين بستري تي،
جنم ڏو ونئي
جنهن کي ڇڏيندڙ
۽ نپائيندڙ

پاڻ ان احساس کان محروم آهن
تہ ڪڏهن ڪنهن
هنن سان بہ ڪو
پيار ڪيو آهي
.....
تون مونسان
ملي نٿي سگهين
اِهو مونکي احساس آهي
لڳي ٿو
اسانجو ميلاپ
ڇڪ تہ اسان جا
بنيادي انساني حق آهن
جنهن کان اسان
ورهين کان محروم آهيون
پر ان محروميءَ جي پڇاڻي بہ ٿيڻي آهي
انهيءَ ئي آسري تي
جِي رهيا آهيون
نہ تہ
جت پنهنجي مرضيءَ سان
پيار نٿو ڪري سگهجي
جت پنهنجي پسند تي
حڪومت نٿي بدلائي سگهجي
جتي اڪثر ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري وڃڻ تائين
آرام ۽ سکون کونهي
جتي تنگ نظر
جنوني نظام رائج هجي
اتي جيئڻ تارچر آهي
.....
تون ۽ مان هڪٻئي کي
چاهيندي به
هڪٻئي لاءِ
تانگهه ٿيندي
محسوس کندي به
۽ هڪٻئي ۾ جڪڙجي وڃڻ جي
unattainable خواهش
جي باوجود به
هڪ ٻئي نٿا سگهون
اهو به هڪڙو تارچر آهي
.....
نرڙ تي
هڪ هڪ گهنج
مٿي تي
هڪ هڪ اڇو وار
۽ جوانيءَ جي اپار جو
ڦلهڙو ٿي لڙکي پوڻ

آتمائن ۽ آدرشن جي
قتل عام جو اعلان آهي
تارچر آهي
پر تارچر ۾ به جي سگهجي ٿو
تون مونکان سواءِ به
زندهه رهي سگهين ٿي
۽ مان توکانسواءِ به
جي سگهان ٿو
اها ٻي ڳالهه آهي
ته تارچر وارو جياپو
۽ توکانسواءِ زندگي
ڪڏهن منهنجو
آدرش نه رهيو آهي!!

زندگي هڪ آپريشن ٿيٽر

روح جي ناسور ۾
ٽپڪي ڪُرائڻ تا لڳن
پگهر جا ڪارا ڦڙا،
۽ اها يي پڪ آهي
سور جو ناسور هيءُ
هن جنم ۾ ڪين ڇُٽندو
چو ته ان تي
پگهر ۽ ڳوڙهن جون
پٽيون تا رکن
ڪي ڊاڪٽر
جن کي نفرت مان
ٻتائيءَ هو سڏيو
اُندا اونڌا ويچ-
روح جي ناسور ۾
ويتر آ رهجي ويئي
هڪڙي فورسيپ،
ڏاڍ ۽ پرماريت
جي فورسيپ
زندگيءَ جي آپريشن روم ۾-
زندگي:
هڪ آپريشن ٿيٽر
يا ته آهي ڪوس گهر
ڊاڪٽر تاريخ جا نابين روح،
پيٽ خالي ماڻهپي کي

صبر جي انجيڪشن ڏئي
چپ ٿا وٺنا سڀن-
ماڻهپو ويترٿي ويو آهي بيمار-
ڊاڪٽر تاريخ جا نابين روح،
ماڻهپي کي
بک وگهي
بيمار ۽ لاچار کي
رت جون ٽيلهيون ڏئي،
پانهن ۾ انجيڪشن سان
ٽنگ ڪري،
ماس کي ٺاهي پروڙ،
آئيسو پلازما جي وسيلي
ساهه جي ٽٽندڙ ۽ ڇڇندڙ
سور ۽ ناسور جي ڏوريءَ کي
وٺنا ڳنڍيون ڏين
بک وگهي بيمار ۽ لاچار
اڄ جو ماڻهپو
آپريشن ٿيئٽر ۾
بي هوش ۽ بي جان ستل،
روح:
جيڪو لاڏلو جائو ۽ نپنو
نوبنو ۽ پاڪ روح،
نور جو ڪو پرتوو
جنهن ۾ چون ٿا
هو رکيل
بک وگهي،
هڪ ڪاسبيءَ وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمائي، رت ست ڏئي،
بک ڪاٽي،
زندگيءَ جي بيل گاڏيءَ
کي ڏکيو-
هڪ صدي جيئرو رهيو-
زندگيءَ جي بيل گاڏي:
پَستُ ۽ هيٺين تنگن وارو سوار،
ٽڪندڙ ۽ ٽاپا ڪائيندڙ
سوار جون جوڙي تنگون،
زندگيءَ جي بيل گاڏيءَ ۾ جُتيل
جنهن تي هڪڙي زال
۽ پارن جو ميڙ،
بک رڌڻ جون ديگڙيون
۽ اڄ ڀرڻ جا خالي ٽانوَ
سيءَ لڳڻ واربون رلهيون
۽ اُبَ ڪيڻ وارا پڪا،
پاڪ ۽ پوتر بدن کي
وائکو ڪندڙ لٽا-
هار ۽ سينگار لئہ
دڳ جي مٽي،
تڙ ڪرڻ لئہ
اپ ۾ گجگوڙ ۽ ڪنوٽيون
مٽان وسندو اچي
وڏ قڙي سان گڏ
چٽي جيڏو ڪڙو-
پارڙن جي سڏڪڙن جا لوڪ گيت
زال جي پارن ڪيڻ جا

سهِرا لاڏا
سُر سنگيت،
رت سڪل، لاچارءِ بيمار
انهيءَ سوار جون
زندگيءَ جي بيل گاڏيءَ ۾ جُتيل
پست ءِ هيٺيون ٽنگون
جن جي گوڏن مان
سُڪي ويو آهي تيل-
خشڪ ڦيٽن وانگيان
چيڪاٽ ڪنديون ٽيون وڏن،
اڳتي جتي واٽراهه ناهه،
سچ آهي، بڪ آهي
اڄ آهه
پيٽ ۾ ولهوٽ
اکين ۾ ڪُلا،
رت ڳڙيون ءِ جسم تي
ناسور جا بي انت سور
سلهه، تپ ءِ رت- وهڪ
خون جون گرڙيون،
حياتي موت جي اکيوٽ راند
زندگي جي بيل گاڏي:
مسئلن جي گپ چڪ،
حالتن جي واڄ مينهن ءِ
خواهشن جي قتل گاهن مان رڙهي
بڪ جي جهولي منجهان،
اڄ جي جهاڪن مٿان،
وقت جي ظلمن جي منهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڪندي، اڳتي وڌي ۽
زندگي جي آپريشن ٿيٹر ۾
گپجي پئي-
زندگي جي بيل گاڏي جونءَ پيرِ
منزلون اڻ کٽ
۽ نسلن جون وکون
زندگي جي شاهراهه ڏاڍي ڏکهي،
ٿي هٽي تاريخ جنهن تي
ويڪريون پٽيون پرانگهون
ارتقا جون، سڄ جون ۽ رت جون،
تنهن تي اڄ،
ماڻهپو:
بيمار ۽ لاچار روح،
زندگيءَ جي بيل گاڏي،
گهلي گهلي-
زندگي جي آپريشن ٿيٹر ۾
ٽڪجي پيو آهي ڪري-
ڊاڪٽر،
تاريخ جا نابين روح،
جن کي نفرت مان پٽائيءَ
هو سڏيو
انڊا اونڊا ويڄ،
نڪ تي ڪپڙو رکي
پيٽ بکئي ماڻهپي جو
ڪن ٿا اهڙو آپريشن
جنهن وسيلي
هو چون ٿا،

بک هوندي،
اڃ هوندي،
ماڻهپو زندهه رهي
۽ چُپ رهي-
پوءِ به سبيل
چپ چوري
کئٽ گٽ ☆ (catgut) ٽوڙي
الائي چا ٿو چئي
سمجهه ۾ ايندڙ
۽ منجهيل لفظ
۽ جملا
رت ۾ آهن گڏيل

☆ آپريشن دوران چمڙي کي توپو ڏيندڙ ڏاڪو جيڪو رڌ، گهوڙي ۽ گڏهه جي آنڊن مان ٺاهي تيار ڪيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنٽراسٽ

شاعري ---- لانگ بوٽ
شاعر ---- گولي،
بانبڙا ٻار جا ---- پاس آئوٽ پئريڊ

ٻن ٻرن وچ ---
تلڪ سرمي جو --- ٻن ڪلهن تي
ٻٽڻ ڪو ٽامي جو.

گوڏ، صدري --- نيري، خاڪي
مٽي تي انگوڇو --- ۽ اڇي يونيفارم

اُسَ ۽ ٽڏ ۾ ---
اگهاڙا پير ---- جڙ تہ ماڻهوءَ
جي چمر مان
جوڙيل جوتا
چلڪندڙ بوٽ
تري ۾ ڪوڪا

ڏور لوڙائو --- وار، وومن
۽ پٽائي جا بيت --- ۽ وائين،
جنگي جوان

ڏاند گاڏي --- جيٽ، ميزائيل
پلال، چنل رلهي --- بکتربند گاڏيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٽ، گھوپاتا،
کھاڙيون ------
مُڏيون، سڏيون

جي ٽري، مارٽر
ءِ توبخانا

رات جو ڏمر کان
پڇي ءِ لڪي،
تار ترندڙ ءِ
ميھر سان ملندڙ

چور، زاني،
پتائي، سھڻي ميھر
ٽکٽکي، کات،
چر جا ڦٽکا.

سنڌ جيئي، ____
سدا جيئي پورھيت

نظام مصطفي،
پائنده باد، زنده باد.

---

zia era

حياتيءَ جو رومانس

سياري جي اڌ رات
دريا تري
مڙس کان لڪي
ميهر سان ملڻ-
ڀ پيرين اگهاڙي
تتل ڏينهن ۾
جبل جهاڳڻ،
بکئي پيٽ
بدحال هوندي،
عمر جهڙي ظالم سان
جهيڙو ڪرڻ،
زماني جي هٿرادو
ريتن ۽ رسمن
جي منهن تي
ڪا دانگي ملي
ڪنول ۽ ڪنواريون
سڌي
ڪاڪ جوڙڻ-
چنيسر کي چاهي،
اَملهه هار تي
اَن جو سودو ڪرڻ-
جوانيءَ ۾ "ڪارو" ۽ "ڪاري" ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪسجي وڃڻ-
حڪومت سان جبلن تي جهيڙو ڪرڻ-
استينسل ڪٽڻ-
ءِ پئمفليٽ لکڻ-
بندش پيل ءِ
"خطرناڪ" ڪميونسٽ
لٽريچر پڙهڻ
ظلم، ڏاڍ، انياءَ سان
مهاڏو جهلي، مَٽي ويس
انڊرگرائونڊ ٿي وڃڻ
رڳو آهي جوکم جو ڪم-
رڳو آهي جوکم جو ڪم-
ءِ جواني ۾ جوکم ڪٽڻ
حياتيءَ جو رومانس آهي،
حياتي آ جنهن کانسواءِ
بُسي ءِ چَسي،
صفا اهڙي جهڙي، ڪنهن چرسيءَ،
آفيمي ءِ ڀنگيءَ جي بي حس حياتي،
مئل، زرد، پيلي، اگهي
جڙ تہ ٽي بيءَ جي پيشنٽ
جو ڪو ڪانگهارو-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پنهنجي دل جي زخمن جو
اڄ هڪ هڪ ٽاڪو
آءٌ ادبيڙڻ چاهيان ٿو
مونکي پنهنجا هاريل ڳوڙها
واپس ڏي
مونکان پنهنجيون ساريون مرڪون
واپس وٺ.
تنهنجي مرڪ
مرکي موهڻ
موهي مارڻ
واريءَ سرڪڻ ڪاهي کان
مان جند ڇڏائڻ چاهيان ٿو!
مونکي پنهنجا هاريل ڳوڙها
واپس ڏي
مونکان پنهنجيون ساريون مرڪون
واپس وٺ.
توکي تنهنجيون
ڪارون بنگلا
سرمائي سان
سهڪڻ واريون
سيف ڪجوڙيون
بخش هجن.
توسان يل هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلبون مهڪن
بارجون ڪوٽيون
ڳاڙهيون شيشيون
تنهنجي هوندي
بهڪن چهڪن.
تون پل پنهنجن
جيڏن سرتن
يارن ۾ مل وارن
سان شل خوش هجين
مونکي تنهنجي
ڪَهل نہ گهرجي.
منهنجي اندر
شاعر جي جا
دل ٽي ڏڙڪي
تنهن کي تنهنجي
ساڙهي جو اڇ
پلو نہ گهرجي.
مونکي من جي گهراين ۾
گيتن جي موسيقي گهرجي.
نغما، نغمن جا هي سڏڪا،
آهون، نيزاريون ۾ ڪوڪون
ڪافيِ آهن.
پنهنجي اڏڻيل روح کي ويتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ ادبيڙڻ چاهيان ٿو.
مونکي پنهنجا
هاريل ڳوڙها
واپس ڏي
مونکان پنهنجيون
ساريون مرڪون
واپس وٺ
واپس وٺ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڪنهن جي ياد جي پيڙا آهي
من مان رت جو ٽيپو ٽڄجي
چواڪا ڪري
ٽمي پئي آهي-
هي ڪنهن جي اک جو ڳوڙهو آهي
من جي آڳر تي
ڪا ڪڪري ساڻ ڪري
سنهڙي بوند جيان، اڄ
وسي پيو آهي-
هي ڪنهن جي پپ جو ڪڙڪو آهي
بند ٽيل دروازو کولي
ڏسي اچان ٿو
ڪوئي ناهي-
هي ڪنهن جي ساهه جو پاڇو آهي
هليو ويڙ ڪانپوءِ به
ڪمرو سرهو آهي-
هيءَ ڪنهن جي اک جي سرخي آهي
جنهن کي ڏسندي
ڳاڙهي رنگ سان
عشق لڳي ويو آهي-
هي ڪنهن جي پيار جو سڏ آهي
سور به هانوَ تي
ٽڏڙا ڪيڏ لڳا آهن
زنجيرون سينگار لڳن ٿيون
موت به وسري ويو آهي
جيئڻ سان نينهن لڳي ويو آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَن رومانٽڪ

مجبوريءَ جي "سڪل ٽُڪر" کي
پيار جي هڪڙي پاڻيءَ ڏڪ سان
آلو ڪري
اڌ چٻاڙي
ڪَوڙي منهن سان
خشڪ نڙي مان
لاهڻ جي جاکوڙ
ئي آهي زندگي!
تنهنجي منهنجي
۽ هر ڪنهن جي
زندگي!
جنهن کي،
تون ۽ مان
۽ ٻيا پي ڪيئي ماڻهو
ڇَڪڙي وانگي
گهلي گهلي
ڏکي رهيا آهيون
سورن جي سُکي ٽُڪرَ
کي نرم ڪري
مهانگائي جي بکئي پيٽ کي
پيار جو پاڻي،

خالي پاڻي
کھڙو آڻت ڏيندو!
پاڻي نيٺ ته پاڻي آهي
وسڪي ناهي
پئٽرول ناهي-
پاڻي نيٺ ته پاڻي آهي
مهانگو ناهي
پئٽرول مهانگو آهي
ڀ تنهنجي منهنجي
بکئي پيٽ ۾
آهن رڳو ولهوٽ-
ڀ هوڏانهن چيٽ ڦٽو آهي-
کرڙ بہ ڳاڙها ٽي ويا آهن
هير گهلي آهي
جنهن ۾ آهي
نازبوءِ جي
مدر مدر خوشبوءِ-
پر پوءِ بہ الائي ڇو
ڏاڍي بک لڳي آهي-
ڀ بصر مهانگو ٽي ويو آ
جنهن کي پلوَ ۾ ويڙهي سيڙهي
مُکَ هٿي
چٽي چهي
کنهن سُکي ٽکر سان ئي سهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي وڃجي
تنهنجي منهنجي
۽ هر ڪنهن جي
زندگي
اڄ بصر جيان
ماڻهوءَ کان بہ
مهانگي ٿي وئي آهي-
.....
۽ تون ٿي چوين
مان اَن رومائنٽڪ
ٿي ويو آهيان!!؟؟

Feudalism

ٽوپيل نَکَ مان سگڙو سوري
ڪنواري چوري
پنهنجي منهن سان
واندي وينِي
چا چا سوچي
پاڻ سهاڳ جا سندر سپنا
ڪيئي جوڙي
ڪيئي ٽوڙي
.....
پاسي واري گهر ۾ وڏيرو
نوٽ ڏئي ۽ سنمک ٽي،
مائي کان هر ڳالهه مڃائي،
ٻٽيهِيءَ تان ڪانوَ نڙي
۽ مُڇ وٽي
واندو وينو
ڏاڙئي گهر ۾ گهوري
.....
ڪنواري چوري
پاڻ سهاڳ جا
سندر سپنا
ڪيئي جوڙي
ڪيئي ٽوڙي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعذير...

هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!
روح کي رهندڙ اچي رت وهي،
سچ سنگسار ٿئي پلي ستجي،
توڙنس تعذير جي نه ٿي گهٽجي،
ويرپنهنجو وٽو، وٽو ياروِ

هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!
آدميت جي اصُول تي اڄ يي،
ازل کان ئي ايئن ڪرڙ وارو،
ماڻهپي کي چريو چوڙ وارو،
مشڪي چاڻا ڏسو ڏسڻ وارو،
هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!

هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!
سچ ۾ ساهه اڃا سڏکي ٿو،
ان کي چچريو، چٿيو ۽ چيياٽيو،
نينهن ننگو ٿئي نهائين چڏي،
جنب اڇلايو جنگ هارايو.

هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!

هڪ پٿر هيو به هٿو کو ياروا!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

lovers' day

14 فيبروري 1976ع جو ڏينُهن آ
منهنجي دل
اڄ پَکَ ٻڌي بيني آ
تہ مان لوَرسَ ڏي تي
هوٽل ۾ وڃي
ڊانس ڪريان-
سڳنڌ سرهاڻ کي
روح جي گهراين سان چکي
ڪڙاين ڪڙين تي بيٺل
ڪنوارن جسمن جي
شاعري ٻڌان ۽ ڏسان
پر ڏيڍ رپئي واري
منهنجي ايگل پين
اصل نہ ٿي مڃي-
(ان جو مون کان بہ
گهٽو مٿو قريل آهي)
چئي ٿي
هل تہ يوم بلوچستان ملهائڻ نڪرون-
برف ڇميل ٽڪرين مٿان
ڇڪارٽيل
ٿهڪندڙ رت مان

چيچ ٻوڙي ساڻ ڪريون-
آءٌ من جي هن طبقاتي ڇڪتاڻ
کان ٻورٽي
ريڊيو آن ڪري
ٻئي ڪن لائوڊ اسپيڪر تي رکي
ٽو چڏيان-
ريڊيو چوي ٽو
.....
جنهن کي ٻڌندي ئي
خودڪشيءَ جا خيال ٽا اٽن
ريڊئي جو آواز
ٻنهي ڪنن ۾ ڪوڪرا ڪري ٽو چوي ٽو
شهر ۾ ڪرفيو لڳل آهي
ڏوهه آهي جنهن جي پيڪڙي-
ڏوهه آهي جنهن جي پيڪڙي-
آءٌ پنهنجي مس ٽمندڙ پين
۾
رت وهندڙ دل
ميز جي هڪ دٻا ۾ رکي
سمهي ٽو پوان
چت ۾ اکيون وجهي.

زندگيءَ جي حياتيءَ جو سوال

زندگي تون بہ گذاري ويندينءَ،
زندگي مان بہ گذاري ويندیس،
زندگي خود نہ گذاري سگھندي،
زندگي خود نہ گذاري سگھندي!

.....

لٽ تي لوڏا ڏئي هلڻ واري
جگ جگاندڙ کان بار ڏوئيندڙ
زندگي وات ۾ اڪيلي سر
وڃڙي سڃڙي
ڪٿي ڪري پوندي!

.....

مون تہ هَٿُ، هَٿ ۾ ڏيڻ جو
چيو هو-
جهور ۾ پيرسن جياپي کي
ڪا گهڙي ٽيڪ ڏيڻ جو
چيو هو-
مون تہ چيو هو تہ هن جياپي کي
رات جو رت-هاڻي رستي تان
هٽ وٽي پار ڪجي-
سگھہ ڏجي-

جگ جي هن جونءَ پير جياپي کي
تيز ڊوڙائجي
تکو هلجي-
مون تہ پنهن جي ئي منهن
هئي ڳالهہ ڪئي-
تو چيو آءٌ گذاري ويندس
مون چيو مان بہ گذاري ويندس
زندگي ڪيئن گذاري سگهندي
زندگي ڪيئن گذاري سگهندي!

کارنهن جا چٽا

لڙڪ لاڙڙ کا نئين ڳالهه نه آهي جاني!
زندگي دور اجا دور وٽي ويندي آ
ايستائين جو لڙي لڙڪ سڪي ويندا هِنِ
لالڙي ڳل ڳري ويندا هن
سرد ۽ زرد ڳلن تي ڪڏهين
ڪوسڙو رت ٽمي پوندو آ
ٿورڙو ترس، اجا ترس، ڪٽي پيٽي آ،
زندگي دور، اجا دور وٽي ويندي آ-
زندگي دور اجا دور ستارن کان پري
نينهن نظارن کان پري
تنهنجي ۽ منهنجي خيالن کي ٽڏي
ڊير لڳل لاش ۽ بارود جتي
زندگي زهر جو پيالو بڻجي
موت جي سرڪ چکائي سڀ کي
ويڑهر ڪنهن کان چکائي ٽي وٽي ـ
ڇو ته هي دنيا سڄي تنهنجي ۽ منهنجي ناهي
جن کي کا جنگ نه لڙڻي آهي
جن جي آنڊن ۾ ڪڏهن بک نه لڪڻي آهي

توکي مونکي تہ رڳو عشق ئي ڪرڻو آهي!
پر اها ساڳي سياڳي دنيا
جنهن کي سمجهيو آ اسان سڄ سمان
تنهن جو بهروپ آ ڪارنهن جا چٽا
تنهن ۾ هر سچ چڙهي ٽو ڦاهي
تنهن ۾هر ڏڳ جو سر ڏار آهي
تنهن جي ڏرتي ٽي سڙي آڳ ٻري
تنهن ۾ هن پيار سوا
ڏک گهٽا، سک گهٽا!
تون جي انسانيت تي نظر ڪرين
پيار ۽ پيٽ ڏوَ جون ڳالهيون هي
پلڪ هڪڙي ۾ اڏامي وڃني !
چو تہ هي زندگي هر ڏجهہ سوا ڏيندي نا
زندگي دور اڃا دور وڃي ويندي آ_!

اي چنڊ! پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
جنهن رات ۾ تو ٿي بيت چيا
سا رات اڄا ڀي جاري آ
۽ سج ڏنگايون کو نہ ڇڏيون
هي پنڌ پري جو واري آ
مان ڪنهن سان پنهنجا سور سليان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
اڄ رات رنو آ رت ڦڙو
۽ تارا سور پيئن ٿا پيا
هوءَ سانجهي سڏکي روئي ٿي
۽ سوريءَ گيت چڙهن ٿا پيا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
مون تنهنجن راڳن جي سُر ۾
جان سنهڑي سينڊ وڃائي آ
هر ماڻهوءَ ٻينڊ هنئي آهي
هر گهر گهٽي جڙ ڦاهي آ
ات ڪرڻن جي ڪا ڪوڪ ڪجان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
مون تنهنجي ڏات ڏيا مان اڄ
جان هُڪڙو ڇُڪڙو ڇاهه ڇڪيو
ويڙهاند سندو ويراڳ ڪيو
هر ماڻهوءَ کي مون پاڻ ڪيو
ٽي تنهنجيون وايون آڻ وڙهان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
هي ماڻهو تنهنجن بيتن کي
ڏرتي کان ڏار ڇني ٿا ڪن
ٽيون وايون تنهنجيون وار پٽن
ءِ سُرڙا تنهنجا اوسارن.
هي ارهي سرهي دانهن ڏجان!
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
ڪنهن انڊوڪار انڌا ڪيا هن
ٿا ماڻهو توکي شاهه چون،
ءِ تنهنجي راڳ رسالي ڪي
ٿا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن،
ٿون ڪيڏو ڏور هليو، ويو آن.
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي تنهنجو شهر تہ ڏاڍو پاسي ٿو
پلي تہ تنهنجي شهر جا ماڻهو،
اکين ۾ آرانيون ٻاري
ڳجهين وانگي لامارا ڏئي،
چپرن جان ويچارا ڪن ٿا-
تنهنجي شهر ۾
وَيڙَن جي ٻولي ٿا ماڻهو ڳالهائن،
قرب ۾ ڪاندڻ تاندڻ وانگي
ساڙي ٿو-
ايئن لڳي ٿو
سوريتي جڙ هتڙي ڪائي جائي ناهي-
پريت ڪڏهن هت آئي ناهي،
پر هي ماڻهو پوءِ ۾
پنهنجي جيت اجيت کان اڪيون ٻوٽي
پنهنجي جيئري رهڻ تي جڏهين
ڳنڍ ٻڌي ٻيهي ٿا رهن-
مان سمجهڻ تي مجبور ٿيان ٿو-
تہ تنهنجي شهر جا ماڻهو پي
ڪا آس اکين ۾
رکي سگهن ٿا-
تنهنجي شهر جي رات ۾ ڪائي

ڏائڻ آهي
کُتي ئي نہ ٿي.
تارا جهڙا لوهہ جا ڪوڪا
شوخ هوائون آڻي
من ۾ ٽوڪن ٽيون-
تنهنجي گهرکان گذرڻ وارا
هير جا جهوٽا
(هونئن تہ چون ٿا
ڏاڍا هلڪا ٿيندا آهن)
منهنجي سِرَتي
پهاڙ جيان
اڄ ٽٽي پون ٿا-
پوءِ بہ تنهنجو شهر تہ ڏاڍو پيارو آهي
بلڪل ايئن، جيئن تون آهين.

ادب

پين ۾ مس پيل آ ڪاري
تون چوين ٿو ته لکي ڪارا اکر
اڇڙي اُجري پني کي ڪُارو ڪري
چو ٿا تاثر ڏيو ته اوندھ آ-

.....

سڄ ايري ٿو، ٽئي ٽي سانجهي
رات ٽئي ٽي ته ڪَري چنڊ ٿو
جڳ کي روشن-
چنڊ ناهي ته
ستارا ٿا ڪِرڻ اُيَ ۾-
پوءِ به چئو ٿا ته ايا اوندھ آ-
پوءِ به ناهيو ٿا چتر
تصويرون
جن ۾ هر ڳوٺ، شهر، جهنگل ۾
رت هاريل آ، سڙن ٿا گهر گهاٽ،
باھ ڀاڙهي ۽ سڄي جڳ ۾ آ دونهون پکڙيل
۽ اگر ٽيل اڇوڪا انسان-
هيءُ آ اُدب اوهان جو
۽ آهي آربٽ هيءُ-
پوءِ به چئو ٿا
ته ايا اوندھ آ-

.....

پين ۾ مس پيل آ ڪاري
اڇڙي اڇري پني تي
آڱ لکڻ ٿو چاهيان
تِير جهڙا تکا ۽ زهر اکر
پوءِ به ساروپنو آ ڪاروٽيو

.....

پين ۾ مس پيل آ ڪاري-
پوءِ به جي آڱ لکان ٿو تہ
چوين ٿو هي ليک
ادب ناهي آ رڳو سياست هي
آڱ ڦهلايان ٿو اوندهہ جڳ ۾
پل تہ بجليءَ جا ڪنيڪشن تو وٽ
صديون گذري ويون
نہ پهچي سگهي بجلي
مگر منهنجي ڳوٺ-
پل تہ تون ڦوڪَ ڏئي گل ڪرين
هر ڏيائي ۽ ڏيئو
پل تہ تون سچ لکائي
۽ هٽي ڪوڙ نسورا
ٿو رکين اوندهہ ۾
پاڻ کي، ريبڙي کي
۽ ٽي ويءَ کي-
صبح ۽ شام جي اخبار کي

وهائي کينچي،
پوءِ به تاريخ ته انڊي ناهي-
.....
وقت جون اکيون
پلي جي تارن جيان
گهڳهه اوندهه ۾ رهن ٿيون چٽيون
تيزءِ گهورُ کندڙ
هر شئي ۾
پوءِ به جي آءٌ ڏسان ٿو
ته کوئي روئي ٿو
تون چوين ٿو ته لکي چڏ ته کلي ٿو کوئي-
.....
رات جو روڊ تي،
ءِ جهوپن ۾
ءِ وڏن بنگلن ۾
نوٽ نکرن ٿا
ٽئي ٿو واپار
برف جهڙن ٽڏن ءِ بُک مئل جسمن جو،
جن کي وحشي ءِ جنس جا بکيا
رات ساري ٿا پٽين، چيڇاڙين،
آءٌ جي ايئن لکان ٿو
ته چوين ٿو هي ادب
اخلاق بگاڙي ٿو
کري عام ٿو جنس
.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيءُ جيڏي- ڪنوار
گھوٽ آ ڏاڏي جيڏو
رات جو آءٌ ڏسان ٿو
لڪي، چوري چپي،
ڏيءُ جيڏي ڪنوار
ڏونڊ مڙس جي هيٺان
ليٽڻي پاڻ چنڊي
ننڊ جي هنج ۾ وڃڻ کان اڳ ۾
الف اگھاڙي ٿي سمھي ٿي ٻئي ڪنھن سان،
جنھن سان ھوءَ پيار ڪري ٿي ڏاڍو
ٿي چڏي لاھي اھو تڙمٿي مان جيڪو،
مڙس ھن کي ھو وڏو حق شرع
پورو ڪرڻ جي سانگي!
آءٌ ڪٿنواس ڪٽي
ان تي چٽيان ٿو ھي عڪس،
تون چوين ٿو تہ ھيءَ فحاشي آ،
پر جي مسجد ۾ ملان
ڳوٺ جي
ڪنھن اڌ ساماڻل نينگر کي
وھاري ھنج ۾
ٿو ڏئي سبق ۽ پورو ٿو ڪري جنسي شوق
تون چوين ٿو تہ آھي نيڪ خدا جو بندو
سڌريل، الھ لوڪ عالم ھيءُ

.....

پين منھنجي ۾ آھي ڪاري مَسُ،

تنهنجي پرچار ڪندڙ
ٽولگر خوشامدڙيا
ينڊَ، پينوَ ۽ وڪيل
ڏهن سُري ڪاڏل جيوَ
جهل جا ڪوڙ اڪابر عالم
رات کي ڏينهن چئي
زور ڏئي اکيون پٽي
ڪجهه ڏسڻ ڪانسواءِ اڳتي وڌن،
۽ ظاهر ڪن،
جڙ ته هو وينا ڏسن هر هڪ شئي کي،
پوءِ به ٽاقوڙا، ڏڪا، منهن پٽ تي،
پوءِ به ڪڏ ۾ ڪري اٽن ٽا ايئن،
جيئن ڪنهن نڪ وڊيل کي ٽو اچي
نِسري نڪ
پوءِ به ٽاپا ۽ ٽوٽا ڪائي انڌا اوندهه ۾
ڪجهه نه ڏسندي اکيون پٽي ٽا چون،
هيءُ اوير ڪان ايو ٽيو آ سج،
رات آهي ته اجهو آهي ڪڙيو روشنُ چنڊ
۽ ستارن جي ڇٽي روشن رات،
اهڙي آهي، آ جهڙو روشن ڏينهن،
پوءِ به تاريخ ته انڌي ناهي،
پوءِ به تاريخ ته انڌي ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

وڏيل
چچريل
ڏڏريل
پيڙهيل
وٽيل سٽيل
چيهون چيهون
گهمندڙ ڦرندڙ
جيئرا روح-
منهنجي ڳوٺ
جا ماڻهو
جڏ ته جن تي
اهڙو بم هنيو ويو آهي
جو نيوٽران
بہ ته ناهي
جو جسم ۽ مال
سلامت آهي
باقي دليون
چيريل ڦاڙيل
جذبا ڪچيل
خواب ڏنڀيل
سوچون ساڙيل
ساهہ نچوڙيل
جيون پٽيل
سڪ چورايل
ڏنپ ڏنل
هي ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو
مرد ۽ زالون
ٻيڙا، ٻار
جن جي آئون
لفظن ۾
تصوير چٽڻ ٿو چاهيان-
سڄي پڄي تصوير-
پر لفظ ۽ جملا
ايڏا پيڙهيل ناهن
جيڏا منهنجي
ڳوٺ جا ماڻهو آهن-
سوچان ٿو،
تصوير جڙي نه سگهندي
جو ته اکر
ڪنهن رئندڙ
اک مان
ٽمندڙ ڳوڙها
ناهن
ليڪا آهن
خالي ليڪا
آهن

---

4 اپريل 1979ع جي پسمنظر ۾ لکيل



جڏهن تنهنجي ساهن ۾ وهنجي
۽ نازن سان سينگارجي
گهر مان نڪري
سرءُ جي ٻُسيءَ ۽ چَسيءَ شام ۾
گم ٿي ويندو هئس
ته سوچيندو هوس
(انهيءَ هرڻ وانگي،
چون ٿا جنهين ۾ آ هوندي
مشڪ جي مهڪ)
ته هي مهڪ آئي ڪٿان؟
سڪل پن
پن ڇڻ جي موسم ۾
سُرها ته ٿيندا ئي ناهن
نہ جهوڻا سرءُ جي ڪا خوشبوءِ آڻيندا آهن
هي سورن جي بستي
هي گهاوَن جو گهر
اتان رت ۽ پونءِ ئي ته نڪري سگهن ٿا
نہ خوشبوءِ رت ۾
نہ ڪا مهڪ پونءِ ۾
هي سرهاڻ آئي ڪٿان؟
مان سوچيندو هوس
۽ ڪوئي نشو هو
پيئڻ ڪانسواءِ جيڪو
غافل ڪري هو ڇڏيندو-
(۽ ان هرڻ وانگي
چون ٿا جنهين ۾

آ هوندي مشڪ جي مهڪ)
مان هلندو ئي وتندو هئس،
اتاهيون ۽ لاهيون
ڏيون ۽ ڏکا
ڪو تانگهو چڪڻ، ڪُنُ
سهڻيءَ جان مونکي
ها لڳندا ٻرانگهه-
۽ اهڙي طرح پيار جو هي نشو
ايئن ئي تتي پيو
ٽيو جيئن بيروت ۾-
۽ هاڻي سرءُ جي ٻُسي ۽ چسي شام وانگي
هي جيون ٻُسو ۽ چسو ٿو لڳي-
نشي مان پٽيل،
ڳاڙهيءَ ريتيءَ اک سان
ڏسان ٿو هينئر
هي سورن جي بستي
هي گهاوَن جو گهر
هي رت جون نديون
پونءِ جون هي ڏنڊيون،
هي پن ڇڻ جو ماتم
۽ غربت جا جهوٽا
اڳي کان ڇتا ٿا لڳن پيا هينئر
۽ پنهنجي بدن مان اڇي ٿي
پگهر جي ئي بدبوءِ-

مينهوڳي

ڏرتي:

مينهوڳيءَ ۾ ڏرتي ڇا ٿي چاهي؟
وسڪاروٽئي،
ريج ٽئي
بک وڃي،
جيئن هن جا ٻڇڙا
پٽڙي پت جي
هڪڙيءَ پاڻ تي
وڙهي نہ پون-

واپاري:

مينهوڳيءَ ۾ واپاري ٿو چاهي،
لاڳيتي برسات پوي،
جيئن هن جو سودو گهٽو ڪپي
مهانگو ٽئي،
۽ ماٺهو هن کان
اوڌر ڪٽي قرضي ٽين
هو ننڍڙي دڪان مان
ڪاروبار وڌائي وڏو ڪري-

ڪامورو:

مينهوڳيءَ ۾ ڪامورو ٿو سوچي
ڪوئي ڳڙو پوي،
ماڻهن جا سپ گهر ڏهي
ناس ٿين-
ملڪ سڄو
آفت زدهه علائقو ٿي وڃي-
آمريڪا امداد ڏئي
ڪو رُڙهه ٿئي
ءِ نئين مرسڊيز ملي-

وڏيرو:

مينهوڳيءَ ۾ راڄ ڏٺي وڏيرو چئي ٿو
وسڪيءَ جي ڪا بوتل
پريل هجي،
واهڻ جي ڪا الهڙ چوري،
ڪمدار ڪاراوا ڪٽي اچن،
ٽرپل فاءِ جي سگريٽ ۾
ڪو چرس پريل هجي،
ءِ چوريءَ کي
زوريءَ پياريو وڃي
جيئن گهٽو مزو اچي-

شاعر:

مينهوڳيءَ ۾ منهنجي دل ٽي چاهي
پيار جا بادل
سونهن جون بوندون
جوانيءَ جون کي مست هوائون
سُندر ۽ چڙواڳ بدن جون
سُندر ۽ چڙواڳ لکيرون
ناهي ڏاهي،
ڳوٺ جي هر هڪ
ڪنواري نياڻي،
پنهنجي پنهنجي سرتي سان گڏ
نظر ڪٽڻ تائين،
ٽينگ ٽپا ڏئي پيار ڪري،
۽ بوندون هير سان چنبڙي
هڪڙي چمي ڏين،
وسڪاري جي نالي،
مينهوڳيءَ جي نالي
صرف تنهنجي نالي-

سنڌ

شاعريءَ جا ديوتا
پٽائي گھوٽ!
تنھنجي درتي اچي،
نہ پٽُ گھريو آھي مون،
ڀ نہ وري باسَ
کا باسي آھيم،
مان تہ ھڪ سينَ
ھٽڻ آيو ھان،
خالي ڪشڪول ڪٽي
ڏات ڏٽي!!
سنڌ جو لاش ڪٽي آيو ھان،
ان ۾ نئون ساھ وجھي ڏي مونکي.

جيون.....!!

جيون
هڪڙو چترآ اهڙو،
ڏرتيءَ جي ڪئنواس تي پکڙيل-
ماڻهو:
ان ۾ رنگ پري ٿو،
هڪڙي جنم ۾،
هڪڙو رنگ.
پر رنگ ته ڪيئي ٿيندا آهن،
ڳاڙها، ڪارا، پيلا، ناسي،
نوان نڪور ۽ اُجرا رنگ.
پريت، وفا ۽ سونهن جو هڪڙو-
رنگ به ٿيندو آهي.
جنهن مان خوشبوءِ ايندي آهي
مينهوڳيءَ جي،
وسڪاري جي،
چيڪيءَ مٽيءَ جي مڌر مڌر خوشبوءِ.
گل جڏهن ٽارين جون پينگهون ٽاهي
نچندو آهي،
۽ هِير گهُلي پوندي آهي،
ته پوٽنر به پلندا آهن،

ڀ هڪڙي رنگ مان
سَوَ رنگ ايري ايندا آهن-
سونهن به رنگ ڇٽيندي آهي،
جوپن جهڙا ڳاڙها رنگ،
نيٽن جهڙا پوتر رنگ،
روسامي ڀ پيار وندڙ جا
پيارا رنگ،
جيون کي جرکائيندڙ
ڀ ميچن سان موهيندڙ رنگ.
پر رنگ ته ڪيئي ٿيندا آهن:
ڪچا، ڦڪا، ڏپارا رنگ.
رت جڏهن جوپن کي جرکائيندو آهي
ڳاڙهو هوندو آهي
ساڳيو ڳاڙهو ريٽو رت
گهاوَ مان وهندي وهندي خشڪ ٿي ويندو آهي،
ته ڪارو لڳندو آهي.
نفرت کي پي رنگ ڏئي ٿو،
ڪوڙهه جو رنگ، ڏپازو رنگ-
اهڙو جهڙو
قرڙيءَ مان بُڙڪو ڪائيندي
وهندڙ پونءِ جو رنگ-
سرءُ جو رنگ
ڀ ڦاهي گهاٽ جو رنگ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهودو ۽ بي رنگ ٿئي ٿو-
ديرتي لاش مٿان لامارا ڏيندڙ
ڳجهن جو رنگ،
ڏپارو ٿئي ٿو.
اهڙا ڪيئي رنگ ڪٽي
من ۾ آڻي
ڪي ڪي ماڻهو
ڏرتيءَ جي ڪئنواس تي پکڙيل
چترپرينداآهن
۽ جيون بدبودار ٿي پوندو آهي-
پرپوءِ به جيون
جنم جنم ۾
سونهن جي سُرهي رنگ سان سِرجي ويندو آهي-
جيون تڏهن ٿ پياروآهي
موت کان ۽ ٻيءَ هر ڪنهن شئي کان-

پارن جو عالمي ڏينهن

چاتيون خالي
کير ۾ پاڻي
دوا جي شيشيءَ ۾
مکيون مُئل
ماءُ جي اکين ۾،
اوجاڳو
پي جي آندن ۾
ولهوٽ،
آسمان ۾ تارا
اڏ اونداهي
ڏيئو خالي
وٽ سڙيل
پار جو روڄ
هڪ هڪ رڙ
ماءُ کي هانوَ ۾
پالو
پيءُ کي پيٽ ۾
وڍ-
تارن جي اولهه ڏانهن
ڪاهه-
سج جو اوير ڏانهن
سفر
سياڻي،
پهرين جون

ٻارن جو عالمي ڏينهن-

بجلي بند
درٻيڪڙيل
درجي ٻاهران
رکشائن جو شور
وسڪيءَ جي
خالي بوتل
اونڌي پيل
اُن تي اُکريل چت
ٻارکي وٽندڙ
راند جو ڇڙ
راندڪو
ماءُ اندرويل
ڏهن تي ڏڪن
جون يادون
ڇپيون،
"درنہ ڪڙڪاءِ
بس ڪري ڪيڏ
هن بوتل سان
اسان اڇون ٿا-"
هڪ هٿ راند ۾
هڪ هٿ ۾
بصرن جا ڪترا
چٽڻيءَ جا لينگها
ڪنهن ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏيءَ تي
بچيل گوشت
ساوا مرچ،
ڳاڙها مرچ
زبان جو سڙڻ
رئڻ، واڪا
"پاڻي، پاڻي-"
اڌ درڪليل
اگهاڙو هٿ وڌيل،
ماءُ جو
باهر نڪتل
فرج جي ٻي بوتل
ءِ دڙڪو
"چُپ ڪري ويهه
اسان اچون ٿا-"
پارکي ڏکر
جهوتا، ننڊ-
سياڻي،
پهرين جون
پارن جو عالمي ڏينهن-

عيد جو ڏينهن
پنج پار
ڏاڏا پيارا
قرض تي ڪپڙا
نوان نڪور

سوَ ڏينهن
ڪمائڻ جا
هڪ ڏينهن
کپائڻ جو
پوءِ به
ماڻُ جي پيٽ ۾
وڪڙ
پيڻُ جي هانوَ ۾
پالا،
هار جي اکين ۾
گوڙها،
نڙي گهٽيل،
سڏڪا وڇيل،
چپ سبيل
چوتہ
وڏيرن جي هارن کي
اوچا ڪپڙا
غريب هارن تي
چٽرون، ٽوڪون
سُڄا، غريب، نوڪر
بُکيا، اڻ سڌريل-
هار جو ضد
اهڙا لٽا ڏيو،
ماڻُ جو آٽو
ونڊي ڏينس
پيڻُ پريشان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿو خراب
پادر، موچڑا
بُجا، گاريون
زال کي،
ٻارن کي-
خير جو ڏينهن
لنگهي ويو-
رات ٿي وئي
سياڻي،
پهرين جون
ٻارن جو عالمي ڏينهن.

مڪمل بلئڪ آئوٽ
"قومي" گيت
ريڊئي جي پونڪ
جهيڙا اعلان
ڪڏن ۾ هليا وجو
بمباري ٿيندي
نند پيل پٽ
ڊڪندڙ ماءُ
ڪڏ ڏانهن ڊوڙ
سيني سان لڳل ٻار
آسمان ۾ زوڪاٽ
ٻارُ ٻه اڌ
هڪ اڌ
هڪڙي هٿ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو اڌ
ٻُڌي هٽ تي
شاديءَ ڪانپوءِ
پهريون دفعو
ٻچڙيوال ماڻُ
هٽن تي
رت جي ميندي رچائي....
هڪ سڃي رات
ٻہ اڌ ٽيل ٻار
۽ سو ٽڪڙ ٽيل ماڻُ
سياڻي پهرين جون
ٻارن جو عالمي ڏينهن

ننڍڙا هٽ
مُکون، چهنڊيون
نرم ۽ ڏاڍا ڏک
بابو ڪٽي آ
بابو ڪٽي آ
ماڻُ جو ڪنڊ هيٺ
ساهه گهٽ
هنج آلي
ڪو ٻہ جواب نہ-
ٻارن جي ڪُٽ ڪُٽان
مکون، چهنڊڙيون
سوٽيون،
بابو ڪٽي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابو ڪٽي آ
چپن ئي چپن ۾
طلاق ڏئي ويو!
طلاق چاهي؟
بابو ڪٽي آ
بابو ڪٽي آ
مُکون، چهنڊڙيون
سوٽيون، گاريون
بابو ڪٽي آ؟؟
ماءُ جو هانوُ
چيهون چيهون
پاڻ کان نفرت
مڙس کان نفرت
تقدير کان نفرت
هارن سان پيار
بابو ڪٽي آ؟
بابو ڪٽي آ؟
پٽ، مونکي
ڇڏي ويو آ-
پر اسان کي ته
نه ڇڏيو ٿئين!
ٻڌاءِ ته بابو ڪٽي آ
مکون، چهنڊڙيون
سوٽيون، گاريون
بُجا-
هارن جا ڪچڙا هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿن ۾ سور،
ٽَڪُ، ٻانهون ساڻيون
سَهڪي، سَهڪي
ننڊ پيل ٻارُ
ماءُ جاڳيل
اندر ۾ ولوڙ،
اڳڻ ۾ لڙڪي مران؟
کوهه ۾ ٽپو ڏيان؟
اڪ جو کير پيان؟
کاڏي وڃان؟
برَ منهن کيان؟
پر ٻارن جو ڇا ٿيندو!
رات،.....
اکين ۾ گهاريل
ڏينهن جو
سوجهرو اپريل-
عورتن جي
عالمي سال
کانپوءِ
اڄ پهرين جون
ٻارن جو عالمي ڏينهن-

ٻارن جي عالمي ڏينهن جون مختلف تاريخون رهيون آهن، ٻارن جو عالمي ڏينهن 20 نومبر تي آهي ته پهرين جون تي به ڪن ملڪن ۾ ملهايو ويندو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي

هي راهون اهي ئي ته آهن
هي چارا چريا کو نه ٽيا هِن-
هي دڳ پيچرا، گس گهٽيون
هنڌ پيٽيون ڏين شاهديون ٽيون
ته تون ۽ مان هتي
کنهن اچاٽي، ڏکي، جوءِ ڳولهڻ لئہ
نڪتا هئاسون-
هي راهون اُهي ئي ته آهن
جتي تو چيو هو ته چاهت جي چارن تان
ڪنڊن کي ميڙي
رتوچاڻ پيرن کي آڻت ڏيڻ لئہ
ڏکي جوءِ، سولي ڪرڻ لاءِ لوچيون-
انهيءَ راهہ تي اڄ
زنجيرون وڇايون پيون هن
۽ سرنگهون هن پوريل
۽ تون ٽي چوين،
اڄ ته شادي ڪري
هار پئدا ڪريون!!!

Rainfall in karachi

ڪالھ صبح ڪان
مينھن پيو آ
ھڪڙو منٽ بہ بيٺو ناھي
سياري وانگي
جھوڪ ٻڌي
ڪري پيو آ -
ماڻھو پنھنجن گھرن ۾ بند ٿيا
وينا آھن
ڪارُن وارا
ھاڪس بي تي آھن-
ڦٽڦٽين تي گھمندڙ
ڪنگلا ويچارا
سائلينسر ۾ پاڻي پوڻ جي ڊپ وچان
گھر ۾ ڪُھڙ ھنيو
وينا آھن
ءِ درين مان وينا ليئا پائن،
تہ من ڪو
مينھن ۾ وھنتل سھنتل
درشن ٿئي
باقي ماڻھو
گھر جي آڳر ڪي ئي ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هل پارڪ ڪري
اتي جو اتي ڦري رهيا آهن-
هڪڙا ماڻهو
ڏاڍا خوش ٿيا آهن
جو ڏاڍو مينهن پيو آهي
ڀ مهمان تائي
جيڪو جاتي آهي
سمهي پيو آهي-
هڪڙن تي اڄ قيامت آئي آهي-
سِڪي سِڪي
ڀ پِني پِني
جن واجهه وجهي
پهريون پروگرام
ناهيو آهي
سي هوندي، اڻ هوندي جو
وينا سور پين-
مينهن برابر جاري آهي
بجلي جي اک ٻوٽ به
جاري ساري آهي-
بجلي بند ٿيڻ تي آهي-
اوسي پاسي وارين
گٽلرين ۾
ڪيئي چوريون
(جن لئه شاهوڪاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوربڊم آهي)
باهر نڪري آيون آهن-
فرسٽيبل آهن
جديد آهن
نواڻ جن جو مذهب آهي-
ڇڙواڳي ايمان
۽ جنس خدا-
سيڙپ جي آزاديءَ جون
متوالیون آهن-
سهڻيون آهن-
ڪپڙا پائڻ ڄاڻن
وهڻ اڻ جو ڏنگ اٿن
انگريزي ڳالهائيندیون آهن-
مذهب کي نه مڃيندیون آهن
ڪک ڪڻي ٻيڙو به نه ڪنديون آهن
انگريزي اولاد ئي لڳنديون آهن

بجلي موٽي آئي آهي
چوڪريون، اندر
ايئرڪنڊيشنر کولي
ليکي وڃي ويٺيون آهن-
مينهن جو پروگرام الائي ڇاهي؟
ڪيترن ئي گهرن ۾
مرڇ آهي ته لوڻ ناهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽو پگھو پيو آهي
کا نَکانگري ٽئي
تہ سُکي پوي-
رستن تي پاڻي ئي پاڻي آهي
بسن وارا بہ پنهنجيءَ
مرضيءَ وارا آهن
رش لڳي پئي آهي-
ڏهاڙي تي بينل
گهر ۾ واڙيا وينا آهن
راشن هوريان هوريان
کپندو ويندو آهي
پوءِ چا ٽيندو
کنهن کي کا بہ خبر نہ آهي-
پاسي واري بنگلي جي
پٽين دريءَ مان
نهيل نُکيل
کاڏي ۾ شربت وارا ٽن
هر هر کري رهيا آهن-
هو وري تيار ٿي
نڪتا آهن
گهمڻ گهٽڻ ۾
رٻي ڏي انجوءِ کرڻ-
اُپ تي رڳو
لس ليٽ لڳي پئي آهي

ڪو به رنگ ناهي
آڪاش ٻُسو ٿي پيو آهي-
ڌرتي سُهٽي ٿي پئي آهي-
وڻن جو رنگ ڪُلي پيو آهي
هوا مان ڏاوڙ به ڏوپي وئي آ
هرڪو سهٽو ڇهرو
ڪئميرا کي اکيون هٽي رهيو آهي
اندلٽ ايري آئي آهي
ستَ رنگي مينهوڳيءَ ۾
هڪ ڪانو
ڪوماڙو
وينو آهي-
ڏاڏا ٿو ايلاز ڪيانس
پٽائي وانگي رشوت باسي
اڻي مانس
پوءِ به وينو آهي
هي ڪانو به ڪوئي
ڪافر آهي
ان رومائنٽڪ آهي-
اڏي ته جيڪر هوءَ اچي!
آءٌ به وينو آهيان
موسم جو رومانس ڏسڻ لئه-
مينهن ڪري پيو آهي-
وينِي وينِي ڏينهن لنگهي ويو آهي
ميرو سج

لهي ويو آهي
ڪڪرن پويان-
هير گهلي پئي آهي-
اوپر کان هڪ
ڏوتل پوتل چنڊ ڪڙي پيو آهي
چانڊوڪيءَ جا ڪرڻا،
مَينهن جي پاندارن جان
ٽمي رهيا آهن-
رات کي ننڊ وئي وئي آهي-
آءٌ اڃان واجهايان وينو
سوچيان وينو-
حَبَ ندي جي
پيٽ ۾ وينل ماڻهو
ٻوڏن ۽ برساتن ۾ لڙهندڙ
ماڻهو
مينهوڳي ۽ رات ۽ چانڊوڪيءَ جي
سونهن کان عاري هوندا
باغي هوندا-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريم پٽر

پوسٽ مئن بہ ڪڏهن ٿہ ڏاڍو پيارو لڳندو آهي
ءِ ڪڏهن ڪڏهن هو بند لفافي وانگي هوندو آهي
جنهن ۾ تنهنجو
ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل ڪو خطرو
مونکي ملندو آهي،
جنهن لئہ آئون
جنم جنم کان
پوسٽ مئن لئہ
واجهائيندو آهيان
ٿہ ڪڏهن ٿو منهنجو ڏرڪڙ ڪائي
ءِ بند ٿيل لفافو
هٿ ۾ ڏيئي وڃي-
جنهن جو آئون
شيو ڪرڻ کان اڳ ۾
ءِ چاهه پيئڻ کان پهريائين
سگريٽ ڏکائي
ڪولي ويهي هر هر دور ڪريان
ءِ ڏسان ٿہ منهنجي پريت جي
لاش مٿان تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙن لفظن جي ٿي ڪفني چاڙهين.....
اڄ جڏهن هي بند لفافو
مونکي پهتو آهي
جنهن ۾ تنهنجو
ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل هڪ خط
مونکي پهتو آهي،
۽ مون شيو ڪرڻ کان اڳ ۾
۽ چانهه پيئڻ کان پهريائين
سگريٽ وانگي دل کي دکائي ڪوليو آهي
تنهن ۾ آئون ڏسان ٿو وينو
تنهنجن لفظن
منهنجي پيار جي لاش متان
هي ويڑهيل غريب ڪفني
قاڑي اڇلي آهي
۽ پوسٽ مئن هليو ويو آهي-
.....
آءٌ وري هڪ ٻيرو ويهي
ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل هي تنهنجو
خط پڙهان ٿو
۽ هڪڙو لمحو سوچان ٿو
آءٌ اهو ئي آهيان شايد
جنهن ڏي خط لکي ٿو شايد
منهنجي نالي پوسٽ ڪيو-

ڇ پوءِ هڪڙي لمحي خاطر
آڱ وري هي سوچّان ويٺو
جي مان ساڳيو اهو ئي آهيان،
جنهن ڏي تو هي خط لکيو آ
تہ مونکي خط مليو ئي ناهي-
مونکي شايد هي جنم پڻ
پوسٽ مئن لئہ ڏسڻو آهي
(جيڪو ڪڏهن تہ ڏاڍو پيارو لڳندو آهي
ڇ ڪڏهن ڪڏهن هو بند لفافي
وانگي هوندو آهي)
تہ ڪڏهن ٿو منهنجو درکڙڪائي
بند لفافو مونکي هٿ ۾ ڏئي وڃي
جنهن ۾ تنهنجو
ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل ڪو خطڙو
مونکي ملڻو هوندو آهي-
سوچان ٿو
هن خط کي ڦاري،
تيلي ڏيئي، ساڙي رک ڪري،
ڪنهن ڪوري ٽانوَ ۾ بند ڪري
سنڌوءَ جي لهرن ۾ لوڙهي
جيئري ئي دلجاءِ ڪريان
تہ آڱ مري ويو آهيان
ڇ منهنجي خاڪ سنڌوءَ کي

پهچي ويئي-
۽ پوءِ خيال متي سوچان ٿو وينو
هن ئي خط جي ڪفني چاڙهي،
دل جو لاش اماڻيان توڏي
تہ تون ئي ان کي ساڙي رک ڪري،
ڪنهن ڪوري ٽانوَ ۾ بند ڪري،
سنڊوءَ جي لهرن ۾ لوڙهي پک ڪرين
تہ آءٌ مري ويو آهيان،
۽ ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل
هي تنهنجو خطڙو
ڪنهن ٻئي کي ڪين مليو آهي-
۽ پوءِ تنهنجو
ٻئي ڪنهن ڏانهن لکيل هي خطڙو
جيڪو مونکي پهتو آهي
ويڑهي سيڑهي، موتائي ٿو پوست ڪريان،
۽ سوچان ٿو
شيوِ ڪرڻ کان اڳ ۾
۽ چانهہ پيئڻ کان پهريائين
تہ مونکي نئون جنم ملي ويو آهي
جنهن ۾ ڪنهن ڏانهن خط نہ لکندس
جنهن ۾ ڪنهن جو خط نہ پڙهندس-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو!

ماڻهو چا آهي؟
جيسين جيئرو آهي
ساهه جي
اڃ وڃ آهي-
موت، اصل ۾
ڪا شئي ناهي
مادي جي هڪ
بدليل صورت آهي-
يادون جيئرون
رهنديون آهن
مرنديون ناهن
امر ٿي ويندیون آهن
ڇوتہ شعور به
مادو آهي
جنم جنم ۾
صورت بدلائيندو
جيئرو رهندو
ايندوآهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي

اٽانگو،
ڊگهو،
پيچرو ورو وکڙ
قدم
دل جي رفتار جان
وڇڙندڙ
ٿڌا ساهه
جهاڪن ۾،
تڻندڙ ۾ هلندڙ
اڪيلو،
ابهرو
۽ اٽموٽ
اڳتي ٿو وڌندو وڃي-
پٽيان موت،
نڪ ۾ ناکيلي ۽ ان ۾ رسي
جهليل هڪ هٿ ۾
ٻئي هٿ جي،
کوليل تريءَ تي
املهه سِرُ
سينگاريل
مهاڳيان وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿو
الائي ته ڪاڏي پٽي ڏيو
حياتيءَ جي هر سُک ڏک کي.....
پٽيان تيز رفتار
ڏوکڙ ۽ بنگلا
سڳنڌ سونهن واريون
ڪنواريون ۽ ڪارون
ٻنيون ڪارخانا ۽ عهدا
وڃي ٿو
سڏونڪ سامهون
نہ ڪنڌ ٿو ورائي
نہ لوڙو هٽي
چون ٿا چريو آ
سڃاڻي نٿو
ته ناڻي ۾ آهي نشو
۽ سرهاڻ سان مهڪندڙ
چوڪريءَ کي چمڙ ۾
آ ڪيڏو مزو
پگهر ۾ ٽيل شل
قاتل لٽا
هر هڪ وار هيٺان زخم.....
جي موٽي اچي،
ويهي وسڪي پيئي
ته سڀ سور جيڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وساري وهي-
چريو آ،
سياڻو هجي ها
تہ ناهي ها ڏوکڙ ۽ بنگلا
ستابو ۽ سکيو هجي ها-
جنوني ۽ جذباتي آهي-
اجهو ٿو ڪري
پلا ٽڪ، اوجاڳو ۽ زخم هيڏا
قنديل دل جي رفتار
ٿاڻا بہ ڪائي جي هلندي
تہ منهن پروجي
نيٺ ڪرندي-
اڃا ٿورو ڏسندا رهو-
ڪريو، جاڙ ڪريو،
اجهو ٿو اڇي
پيرين پئي
سپ کان معافي گهري-
اڻانگو،
ڏگهو،
پيچرو ور وڪڙ،
قدم دل جي رفتار
جان وڃڻندڙ-
اڪيلو، ابهرو
۽ اڻموٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي ٿو وڌندو وڃي-
ڌرتيءَ جي گولائي
سوڙهي پٽي ٿيندي وڃي
.....
هيءُ هڪ هنڌ بينل
عقل جا انڌا
نہ ڄاڻن تہ چپ چاپ ۾
هي ايندو
پنيان ئي پنيان
ڪو راتاهو ڏينڊو-
هي ڌرتي رڳو گول ناهي
پر جيئري بہ آهي
هي ڌرتي اهڙي ماءُ آهي
جا پنهنجن ٻچن کي
لڪائي، بچائي ۽
اندر گرائونڊ
پڻ رکي سگهندي آهي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو

اُجايل لڳين ٿي
اي سنڌو ندي
هلي آءُ
توکي ڏيان جسم جو مان
نپوڙي سپوڙي
سمورو ئي رتُ سَتُ
نہ ڏاپي سگھين جي
تہ گرڙي ڪري چڏ
ڏکن ڏوجھرن کي
ڏئي ڳيت لاهي ڦٽو ڪرنڙيءَ ۾
تون اجگر آن سنڌُو
تون مستيءَ ۾ ايندينءَ
تہ موٽائي مون کي ڏجان
سمورو ئي رَتُ سَتُ
مان تنهنجي ڪنڌيءَ تي
مُهين جي دڙي جيان هان وينو
پلي جان اچي مونکي برباد ڪر
پلي جان اچي مونکي آباد ڪر-



تون چوين ٿي
ته آءٌ سنگدل هان-!؟
ٽوڪي شايد
خبر نه آ جاني
مان ته چاهيان ٿو
رڳو ماڻهو چو
هي جبل سارا
هوندَ ميڙ ٿين-
اک جي شوخي هر
اڏامي وڃي-
ڪنهن به پٿر
سان پيار
ٿي نه سگهي.....
آءٌ ۽ سنگدل
هي ممڪن نا
ياد ڪونهئي ته
تنهنجا سور سڀي
آءٌ هڪ ڏينهن
روئي ويٺو هئس-
تو ٿي پرچايو
پنهنجا سور چڏي
آءٌ سڀ سور تنهنجا
پيئندو ويس-

پر جڏهن اڄ
تون ٽڪڙيون پائي
اڏ اڳهاڙي ٽي آڏو
بيٺين آن
مون تڏهن عشق کان
آ توبهه ڪئي
چو ته هي پيار منهنجو
ڪنهنجو پي
انگ ڪيئن ٿو
ڍڪي سگهي جاني!
مون تڏهن عشق کان
آ توبهه ڪئي-
تون چوين ٽي ته
آءٌ سنگدل هان؟!!

ڪراچي

ڪئبلڪ ڪار
بنگلي جو ڦوهار
ايئر ڪنڊيشنر
سنگمرمر جو گهر
جهرمر جهرمر لان
اليڪٽرڪ گٽار جي تان
نيرو سئمنگ پول
پورو مئٽروپول
مزدور ٿاهي
سرمائيدارءِ ڪتو واپرائي !

سَرَنسرڻ،
چِٽ پچڻ،
اتر لڳڻ،
چنڊ ڪڍڻ،
سڪ لڳڻ،
پٽائي پڙهڻ،
باک ڦٽڻ،
ماڪ پوڻ،
پيڄ پنيءَ،
ساڻ ٽيڻ،
ميندي لڳڻ،
لانئون لهڻ،
ڪنوار ٽيڻ،
گهوٽ ٽيڻ،
ءِ شهيد ٽيڻ،
هي سيئي ڇڻ
سونهن اسم جون فعلي صورتون آهن-

●

سور هڪ جاءِ تي هجي
ته ڪٽي صبر ڪجي،
تنهنجو هڪ گهاءُ هجي
ته ڪٽي شڪر ڪجي-
من منهنجي ته اڄ ٻڌي ئي نه ٿو،
ڪوڙ سمجهايو اٿي مانس
دلاسا ڏيئي
پيار سان
چڙب ڏيئي
هار ميجي،
پوءِ به تڙڦي ٿو،
روئي ڳائي ٿو،
پوءِ به چئي ٿو ته
آءٌ پريت ڪريان
پوءِ به چئي ٿو ته
آءٌ سُور سهان
پوءِ به چئي ٿو ته
آءٌ جيئرو هجان
ءِ چپ نه رهان-

کاري

منهنجي ڏات کي
کاري ڪوٽي
انڊيءَ مڙسيءَ
واري غيرت آڻي
جيڪو وار ڪرين ٿو-
خبر اٿئي
سو
خطا ٿيئي ٿو-
منهنجي ڏات برابر
ننگي آهي
پر سچ به ته
ننگو آهي-
منهنجي دنيا
جنهن تي
ڪوڙا، ڪنا، ڪوجها-
پاڇا جهولائي
جا هڏي
جُٽ ڪئي ٽئي
منهنجي ڏات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي ميڙي
آرانيءَ سان ساڙي
جڳ تان پردا لاهي
ننگو ڪري ٽي
سچ چوي ٽي-
سچ کي تاڙي
انڊيءَ مڙسيءَ
واري غيرت آڻي
جيڪو وار ڪرين ٿو
خبر اٿئي، سو
خطا ٿيئي ٿو
خطا ٿيئي ٿو-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Abstraction

سوچيندي سگريٽ سڙي ويو
دونهون لاٽ ڪري گم ٿي ويو
رستي تي رکشائون رڙندیون
چتڪتائي مان ڏوکيندیون
تنگو تالي وقت کي گهلي وڌي ويون-
گهڙي پلڪ لئہ ڪارو دونهون،
منديءَ نچڻي وانگي
ابتيون قيريون پائي
پولارن جي پيٽ بکئي ۾
هضم ٿي ويو-
ويندڙ رکشائن جي ڦرندڙ ميٽر وانگي
وقت جو ڪانٽو ڦرندو ويو-
مون هيڏي ساري،
ماکوڙين جان چرندڙ پرندڙ
شهر جي هر هڪ
ماڻهوءَ کان هڪ سوال ڪيو-
وقت جي ديوي اغوا ٿي وئي
ڪجهہ ٿ ڪريو-
پولارن مان
ڪن جا پڙدا ڦاڙيندڙ پڙلاءِ پيو
چريو ٿيو ٿو، چريو ٿيو ٿو، پٽر هٽو
مون ڪيدي مان سگريٽ ڪڍي،
تيلي ٻاري،
سوچون ساڙي،
پولارن ۾ گهوري گهوري
ڪش هنيو-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال....

شايد تو هو
پل ۾ ليئو پاتو-
پر مون تہ انهيءَ تي
پوري رات
پئي سوچيو هو-
مونکي ڪوئي چاهي ٿو
آءٌ به ڪنهن کي
وٽي سگهان ٿو-
مونکي هٽڙي
رهڻو آهي-
توکي حاصل ڪرڻو آهي-
پر اڄ جو تون نہ ٿي سجاڻين
مان چو سمجهان
زندگي اجائي آ-

طلاق

گلابي بدن تي
وڳو سائو پاتل
نرڙ تي
ڊنل تلڪ سرمي مٿان
چنڊ تارو ٺهيل-
تون سهڻي تہ شايد
لڳين ٿي هينئر
پر دل منهنجي تہ
وَسِ منهنجي ۾ ناهي
هوءَ سوچن جي سرهاڻ
تي ڪن ڏيئي
جذبن جي دوکيءَ مان
نڪري وئي آ
وهائي گهٽو رت
ريٽي ٿي پئي آهي شايد-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي....

منهنجي هٿ ۾ يڪل قلم
منهنجا ڳيت هٿين خالي--!
سڄ لٽي ڪو وقت ٽي ويو آ--!
منهنجا ساٿي سڀ سمهي پيا-
مونکي ننڊ اچي ته سمهان-
ڏرتي ڪهڙا ويڙ سهان-
جاڳان ٿو پيو ٻ تارن جي
ڏنڊلي ڏنڊلي پاڇن ۾
ڪنهن جا پيرا ڪين ڏسان ٿو--!
لاٽ اجهاڻي وات آ اوندهه
هيٺ مٿي اوسات ڏسان ٿو--!
ٽي وئي آس نراس سين جي
آزاديءَ جي ديوي اڄ
قاتل آ، ست ڪوڙن ۾
منهنجي هٿ ۾ يڪل قلم--!
منهنجا ڳيت هٿين خالي!
دل ٽي چئي اڄ
اوچي ڪوٽ جي ديوارن سان
سر ٽڪرايان-
مٿو ڦاڙيان-
من ڪو ٻيت جو چٽر لهي--!
ٻ آئيندي جو ڪوئي ماڻهو
هيئن چوي--
اوچي ڪوٽ جي ديوارن جو چٽر لٽل آهي
پنهنجو ماضي
پوتر آهي، روشن آهي--!

اُجالا، اُجالا

اڙي زندگيءَ جي تقاضا جا دشمن
هي جيون آ ڏڙڪن
هي ڏڙڪن آ جيون
تون چاچا به سوچين
تون ڪيڏو به لوچين
هي دنيا جو دستور ڦرندو ئي رهندو
تون دنيا جي ڌارا کي روڪي نه سگهندين
هي جيون جوالا
جي ڦاٽي ته ڏسندين
اجالا، اجالا، اجالا، اجالا.

●

ايا رات آهي
ايا رات جي تات وڏندي وجي ٽي
اها رات ڪاري
اهي وار ڪارا
پرينءَ نيٽ ڪارا
نيارا نيارا
پيارا پيارا
نہ مان آهيان ڏوهي
نہ تون آهين ڏوهي
اهو راز آهي
جنهين کي ڪو سياڻو
نہ سمجهي ئي سگهندو
انهيءَ کي ڪو مدهوش ماڻهو اياڻو
پروڙي ۽ سمجهي
نچوڙي ۽ پرجهي.



هوا جا جهوٽڙا ٽا سانت ٽوڙن
منهنجو من اڄ اپاٽڪو ٽو ٽئي
ڪونج ڪَرڪي ٽي
ڇهنڊڙيون ٽيون پون
ٻار روئي
ٻه هٽڙيا سوٽا لڳن
آسري وند ڪنهن ٻه اکڙيءَ مان
گونگا ڳوڙها ڳڙن ٽا
ايئن ٽو لڳي
منهنجي ڌرتي تي اڄ ٽا بم لڳن
آءٌ پنهنجي اپاٽڪي من کي
ٽورو آٽت ڏئي ڪيڏايان ٽو
آسري ان ۾ ويهي سوچيان ٽو
ڏاڍ جا هي ڏڳها ڏڳها پاڇا
ٽورڙي دير ۾ لڙي ويندا-
امن ايندو
نه ڪوئي روئيندو
امن ايندو
نه ڪوئي روئيندو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلاح معاشره

سيتيون،
زيلون
"بيهي رهو....
هيءَ چا ٿيئي؟"
"پيٽ!"
"ڪوڙ ٿو هڻين
هيءَ رنڊي آهي
۽ تون پڙوو آهين."
"سائين!
خدا جو قسم!!"
"بڪواس بند ڪر
وڃو گاڏيءَ ۾"
رات جو روڄ
پاڻ هڪ ڪوليءَ ۾
پينٽ ٻيءَ ڪوليءَ ۾-
ادي، مِٽي به ماڻ،
مُٽي به ماڻ
ڪير ٻڌندو
بس ڪري گذار
.....
"اڙي ڏاڙهي ڪوڙَ
نماز پڙهين؟"

"سائين نہ،
گنهگار آهيان
پيا ٻہ ٽہ ڪوڙ
نماز نہ ٿا پڙهن."
"حج ڪيو ٿئي؟"
"نہ سائين،
طاقت ڪانهي،
هڪ ويلو وهان
هڪ ويلو ڪاوان."
"گهر ۾ قرآن شريف اٿئي؟"
"سائين نہ،
اڻ پڙهيل آهيان
غريب آهيان
اجاڪت ٻہ ڪا نہ
ٺهرائي اٿم-"
پلا واڻين سان
چو اٿين ويهين؟
"سائين،
ابن ڏاڏن کان
گڏ رهون،
مرڻي پرڻي
ڪم اچون
هڪڙي ٻولي ڳالهايون
ساڳيو سوچون-"
"هي مسلمان ناهي،

مرتد ٿي ويو آهي-
نالو مسلمانڪو
طهر ٿيل
هي مرتد آهي
ءِ مرتد جي
سزا آهي
سنگسار ڪرڻ
ويهه گاڏيءَ ۾!"

.....

اڙي، هيڏو سارو
ڪارخانو ٿو هلائين،
مزورن کي پگهار
نه ٿو ڏين؟
"سائين،
هي حرامي آهن،
ڪم نه ٿا ڪن،
پئداوار گهٽائي
ڇڏي اٿن.
رڳو نئشنلزم
سوشلزم ءِ
سيڪيولرزم جا
نعرا ٿا هڻن
اسلام کي گاريون ٿا ڏين.
حڪومت جا مخالف آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ زکوات ڏيان
مسجد ٺهرايم
مدرسي ۾ چندو ڏنم،
ميلاد ڪيم،
گهر وارن کي
حج تي موڪليم
ڪارخاني مان
نقصان ٿو پويم،
سرڪار امداد ڏئي
تہ مزدورن کي
پگهار ڏيان."
"اڇا، نيڪ آهي،
هي چيڪ وٺ،
هنن ڏهرين کي
سيکت لاءِ
جيل موڪلي ڇڏ-
قائد اسلام، زنده باد
قائد اسلام، زنده باد-"

---

zia era

سج جڏ پي لٿو آ سانجهيءَ جو
جڏ پي پاڇا لڙي ويا آهن
جڏ پي سنجهو ٽري ويو آهي
جڏ پي ٽيڙو ٽڙي پيا آهن
مون ڏٺو آ هن کي چارن ٽي
هيڪلي، هيسيل ۽ خوف وچان
ڪنهن طرف جونءَ پير ويندي آ
ويندي ويندي چپن ۾ چوندي آ
مس مُئي رات موٽي آئي آ-
پر جڏهن ماڪ پڄجي بس ٽي ٽئي
چئونپچون ننڍ مان اٿي ٽي پئي
جڳ تي نيراڻ ڇائنجي ٽي وڃي
تنهن مهل پوئين پيرين موٽي ٽي
ٽڪڙي ٽڪڙي ۽ ٻرانگهون هٽندي
چوطرف واجهه وجهي پڪ ڪري
ڏڳ چڏي پير لڪائي ٽي پڄي
تون پڇين ٿو ته هيءَ ڪير آهي
آءٌ چوان ٿو ته جڳ جي پيٽ آهي-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي نازڪ
چوپي نڪ ۾
سوني ڦلڙي
ڪيڏي جيڪر
سونهن ڪري
دل ٿي چاهي
پورهيو وڪٽان
پگهر ڪپايان
تو لئه
ڦلڙي آٽيان
پر ڪو
پورهيو پگهر وٺي
ڏوڪڙ ڏئي
پر ڪو
پورهيو پگهر وٺي
ڏوڪڙ ڏئي.

هڪڙو ٻئي کي چوي ٿو
ظلم نہ ڏس!
ٻيو چوي ٿو
تہ تنهن ۾ منهنجو ڇا؟
هڪڙو ٻئي کي چوي ٿو
پل پيو ڇئي
ٽيون چوي ٿو
تہ تنهن ۾ هُن جو ڇا؟
آءٌ پنهنجي قلم کي ڇڙپ ڏئي
جان ڇڏيان ٿو
تہ باقي تنهنجو ڇا؟
هو چوي ٿو
تہ مونکي پيٽ نہ آ
هو چوي ٿو
تہ مونکي بک نہ آ.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ گوريلو...

اڇي پني کي
اکيون ڦاڙي
گھوريان ويٺو-
نظر نہ ايندڙ
لکيل اکر-
ءِ ابتا سبتا
اندر چيري
نڪري ايندڙ
حرف ءِ جملا-
اکيون اکين ۾
ڏيئي منھنجي
مُڏي قلم
ءِ گونگي من کي
گاربون ڏيئي
الرون ڪن ٿا-
اکيون چنيي
ءِ ويجھو ويھي
وري ڏسان ٿو-
ريٽي رت جون
ڳاڙھيون ڦھنگون
اڇي پني جي
اجري من مان

طعنا ڏيئي
جلهون کن ٽيون-
تن جي پويان
چيريل چڇريل
مشين گنن سان
گهايل ڪوئي
آزادي جي سينڌ وڃائي
ڀڄائي ويٺو.....
مونڌي ڏسندي
گوليءَ جي ٻوليءَ ۾
چئي ٿو:
گيدي شاعر!
سچ چوڻ
سکڻ جي چاهين
مونڌي ڏس.

(سيپٽمبر 1974ع- بلوچستان تي
آپريشن جي پسمنظر ۾ لکيل)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون منهنجو سر سنگيت
باک ڦٽيءَ جو
ڳائي تنهنجو گيت
لوڪ سُتي جو چيڙيم تار
اي ۽ ڏرتي سُن ٽي ويا
تارو هڪ هڪ ٽي ڪنهن پار
غائب ٽي ويو
تارن کي مون تيز تپايو
ڪنهن ٽي سُڏڪيو ڳوڙهو ڳاڙيو
دانهن ڪئي ڪنهن هانوَ ڦٽي
هو ڪير هيو؟
پريت ڏني مون تنهنجي ميت
هانوَ ڦٽي سان
سڏ ڏنو سنگيت،
جيون منهنجو سر سنگيت
باک ڦٽيءَ جو
ڳائي تنهنجو گيت

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جاڳ تہ جلندي رهندي
واتون اوندهہ
واتون روشن
ڏينهن بہ پورو
رات بہ پوري
ٽيندي رهندي
مان ٽو جاڳان
جنم جنم کان
آ ڏوٽيءَ جان
دونهين ٻاري
منهنجو جيون
ڪنهن جو سونهون
ڪنهن کي ساري؟
تنهن ۾ تنهنجو چاهي؟
اي چنڊ چريا
لوڪ سمهي پيو
تون بہ سمهي پؤ.

مان هي گيت نہ ڏيندس توکي
تنهنجي لئہ مون کو نہ لکيو-
نوڪ قلم جي رت ۾ ٻوڙي
پيڙا ڏرتيءَ جي مون نپوڙي
هيڏي هوڏي، پاڙي اوڙي
دانهن ٻڌي مون جوان ڪاڙي
پوکي اَنَ جو ڏوڙ ٿو ميڙي
هاريءَ اَنَ جو سور سهيڙي-
مل ۾ پورهيت لوهہ مروڙي
ڦاٽل ڪپڙا اڃڙيون چوڙي-
تنهن جي من کان ڏاڍ کي روڙي
پنهنجو جيون جوت نهوڙي
مان هي سارو سچ چيو
مان هي گيت نہ ڏيندس توکي
تنهنجي لئہ مون کو نہ لکيو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئندڙ ٻارکي پرچائڻ لئہ،
ڪوڙيون ڳالهيون ڪندڙ
ڪوڙا وعدا، لالچ خرچي،
ڏڪو سڏڪو ڏيندڙ
پيار ۾ ٽڦکي،
راندیڪا ۾ ٽولَ آڇيندڙ
گهڙي پلڪَ لئہ
بس ڪري جي ٻڌي سگهين-
ٻار اڃا بس ڪا نہ ڪئي آ،
هوريان هوريان
چپن چپن ۾
سڏکي ٿو پيو-
پنل اکيون
آليون پنبڻيون
ڦاٽل دوڌا
ڪروڌ ۾ ڪاوڙ
ڏسي سگهين ٿو
گهڙي پلڪ لئہ،
ڪوڙا وعدا،
ڪوڙيون ڳالهيون،
بند ڪري جي ڏسي سگهين،
تہ ٻار اڃا بس ڪا نہ ڪئي آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارُ اڃا ٻي روئي ويٺو
ها، پر
تنهنجين ڪوڙين ڳالهين
ڪوڙن سڏڪن،
ڪوڙن ڳوڙهن،
آزين ۽ نيزارين هڪڙو ڪم ڪيو آ-
هن جو ڏيان ڇڪيو آ
۽ هو تنهنجا ڪوڙا واعدا،
ڪوڙيون ڳالهيون،
لالچ خرچي،
دڙڪا سڙڪا،
راندِيڪا ۽ ٽول ڏسي،
هوريان، هوريان،
سڏڪي، سڏڪي،
سوچي ٻيو ته
بس ڪريان
يا روئندو رهان.

مارچ 1977ع جي چونڊ ڪانپوءِ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چويهين مارچ 1971ع

اڄ بنگالڻ ٽي پار ڪيا
پنهنجي پٽ جي لاش متي!
جنهن جيٰ ڪڇڙي ڇاتي ڇيهون
گوليءَ جو هي گهاءُ ڏسي
پوڙهي ماڻس جو هانو جهري ٽو
رت ۾ لت پت ننڍڙو ٻچڙو
امان چوي ٽو
اڏ زبان وڍيل اٽس
ڦٽڪو ڦٽڪو، نڪري نہ سڏڪو
دم ڪيئن ڏئي
ماڻس موت قبوليو آخر
رت جمي ڪاروٽي ويو
ان کان پوءِ ڪئي ٻار ڪُنا
ڏيءُ اگهاڙي ڏارين هٽ ۾ پيءُ ڏٺي
ڪارا لاشا، رت ڪارو، اسلام جيو
بنگالڻ جي ڇاتين سان اڄ غازين رات
ملهائي
خونيءَ ۽ انساني دشمن ميدل ورتا
تاريخ جو ڳاڙهو ورق وريو
۽ چٽنگ دکي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي رت جو ٽيپو سرٽي اٽندو
ظالم! گوليون نينڊ تہ ڪپندءِ!
بونس جون لئيون، اڇيون ڪاڙيون
باڙا جون بندوقون وسنديون
بيلچن جا ڪيئي وار ٽيندا
ڳاڙهو جهنڊو اوچو ٽيندو
سالن تائين رت شهيدن جو-
آلو رهندو
رت ۾ ريهون، رت ۾ ڪيهون،
هي رت پوتر امر رت،
هن رت جو اوتار به رت آ
رت جي راند رسائي منزل
تنهنجي منزل منهنجي منزل
ريتي انقلاب جي منزل.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غيرجانبدار اديب ڏانهن

وقت کا ٽڪ ٻڌي بيهي رهي،
وڻ جي هيءَ ڇانوَ سڪل پن جيان
کين چٽي، بينڊي هجي-
کنهن کي بندوق لڳي
سور نہ ٿئي،
تون چوين ٿو ته ڪاش ايئن ٿئي!
جيئن تون ويٺو هجين،
کين اٿين،
کين وڙهين، رت نہ ڏين،
نند کرين،
خواب لهين،
خواب اهڙا،
جو هجي خواب ئي جن جو تعبير-
تون چوين ٿو ته
وقت ٽڪ ٻڌي بيهي رهي،
کو به توکي نہ چوي
کوڙ لکيو آهي تو،
تون سدا پنهنجي ئي گهر ۾ هجين،
چو راتيون رُلين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ سان، چاھ سان
ءِ جوپن سان،
تون چوين ٿو تہ
تنھن ۾ تنھنجو چا؟
پل تہ بيروت سڙي رک ٿئي،
ڪنھن جو ٽائيلنڊ بچي يا نہ بچي،
آءٌ سنڌي ھان
رھان ٿو سنڌ ۾
آءٌ چو ڳالھ ٻڌان ڏاري ڪا،
آءٌ چو پاڻ تي ڪنھن سوچ جا
ليکا پايان،
آءٌ تہ اڄ ننڊ ڪرڻ ٿو چاھيان،
ننڊ ۾ خوابُ ڏسڻ ٿو چاھيان،
خواب اھڙا،
جو ھجن،
خواب ئي جن جو تعبير-
تو چوين ٿو تہ خواب سڀ ھجن،
وقت ڪا ٽڪ ھٽي بيھي رھي
ءِ واڇ لاھي ٿو ڦيرائين وينو
ڪانڌا ابتا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان

ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان
گل سنگهڻ تي
بندش پوندي-
چمي گهرڻ تي
پريت ڪرڻ تي
توکي ڏسڻ تي
ڏسي جيئڻ تي
ساز ٻڌڻ تي
ٻڌي روئڻ تي
ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان
بندش پوندي-
تنهنجي منهنجي
سور وڻڻ تي
ڪن ۾ هڪ
سرپاٽ ڪرڻ تي
چپ چورڻ تي
ساهه ڪٽڻ تي
ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان
بندش پوندي-
ساوڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قولارن تي
ڀ ڪارن ڪارن وارن تي
ڪنهن سهڻي اک جي گهائڻ تي
رئارڻ ڀ پرچائڻ تي
ڪڏهن ڪڏهن آڱ سوچيندو هان
بندش پوندي-
رات ٽيڻ تي
ڏينهن ٽيڻ تي
باک ڦٽڻ تي
اوجاڳي تي
واجهه وجهڻ تي
ويڻي ويڻي رات ڪٽڻ تي
چنڊ ڪڙڻ تي
چانڊوڪيءَ تي
چانڊوڪي ۾ مڌ اوتڻ تي
ڪڏهن ڪڏهن آڱ سوچيندو هان
بندش پوندي-
جيئڻ مرڻ تي
مرڻ جيئڻ تي
جنم جنم
انسان ٽيڻ تي
پٽائي پڙهڻ تي
پڙهي وڙهڻ تي

ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو هان
بندش پوندي-
ڀ ضمير وڪرو ڪرڻ جو
ڪوئي شرط لڳايو ويندو
جيئڻ مهانگو ٿي ويندو
اتي، ڪنڊ ڀ گيهه وانگي
پوءِ به تو سان واعدو آهه
نيائڻ جو
مري وڃڻ تائين.

(نيپ تي بندش پوڻ واري فيصلي جي روشنيءَ ۾)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلم گويد که من شاهه جهانم!

وقت.
منهنجي کريل
هن واڇ جيان
هلندي هلندي
ٽڪ ٻڌي
بيهي ٿو وڃي-
قلم
ڪنهن بي لغام
گهوڙي جان
اڳڪٽين جون
پرانگهون پائيندو
ڪوڙ اڳتي وڌي
هليو ٿو وڃي-
آءٌ وچ تي
ڪنهين چوواڻي تي
وائڙن جان
ڏسي رهيو آهيان -
قلم اڳتي ءِ
وقت پوئتي آ
آءٌ سوچان ٿو
ڪنهن جو ساٿ ڏيان
آءٌ سوچان ٿو
ڪنهن جو ساٿ ڏيان!

ايترو وقت هجي
زندگي ۾ پالهو ٿي
پنهنجي ٻارن کي سمهاري ننڊ ۾
دور سنڊوءَ جي ڪناري ويهي
هڪ نئون گيت لکان-
جنهن جي ترنم ۾ سنڊوءَ جون چوليون
ڪنهن ڪنواريءَ جي اکيلائي جان
ڦٽڪنديون لڇنديون رهن
ديش واسين کي وڇي ڏونڊاڻن
ايترو وقت هجي
وقت جي وڙ واندڪان واندو ويهي
هن بکئي پيٽ کي ڏوڏو ڏيئي
ڪو ته سک جو ساهه ڪٽان
هڪ نئون گيت لکان-
جنهن جي هر لفظ ۾ کي چنگ وڄن
جنهن جي ست ست سرود ٿي سڏکي
جنهن جي هر تان من کي کان هٽي
جنهن جي جهونگار جيءَ جهير وجهي
ايترو وقت هجي
اڻ ڳٽيل ڳٽتين کان پاسي ٿي
رات جو گهوري گهوري چند ڏسان
اڌ کنل آهه ڪندڙ ٻِينَ ٻڌان
هڪ نئون گيت لکان-

جنهن جي وڃ وڃ مان ريٽو رت وهي
جنهن جو هر گهاءُ گلابي گهرو
ڪات جو وات وڃي ويرونءِ
ديش تي ظلم جو جواب ڏئي
ايترو وقت هجي
ڪاش موت مهلت ڏئي
تنهنجي چوٽين جي ڇانوَ ۾ ويهي
تنهنجي چپڙن کي چاهه مان چوسي
هڪ نئون گيت لکان-
هن ٻکر ٻوس جي زماني ۾
آشتي ۽ امن جو ساهه ڪٽان
گل ٽڙن ۽ ڏکڻ جي هير گهُلي
سانوڻي ۾ ڏکي ۽ ڏيل ٽِلي
ايترو وقت هجي
ڪاش! موت مهلت ڏئي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي روئي وهڻ سان
مان، جاني!
ننهن کان چوٽيءَ تائين
پنجران ٽو،
من ليڇي وات ۾ هليو ٽو اڇي
دل سڙي، خاڪ ٿي
اڏامي ويڇي-
تنهن جي ڳوڙهن ۾ منهنجو
چنچل روح
ٻانڊ وانگي وهي هليو ٽو ويڇي-
پوءِ به مان وائڙن جان
ويٺو هان
وڦلي وڦلي چوان ٽو
سُور سهي،
من جي ڪوڙاڻ ڳهي،
ڳيت ڏئي،
آءٌ توسان ملي نہ سگهندس من،
آءٌ توسان ملي نہ سگهندس من
(منهنجو ڪيسو اصل کان
خالي آ-)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي ڪيترن
چو واٽن تي
پنهنجي من جي
صليب کي گهلي
پاڻ کي ڏوکڙن
جي پيرن ۾
ڏند ڪرٽيندو
ڏسندو آيو هان
پيار ۾ ايئن به ڏٺو
آهي مون
دلڙيون نيلام به
ٿيندي ون آهن
پيار هر چوڪ تي به
وڪبو آ
اکيون ساڳيون اڳيون
نه لڳنديون هن
ساهه جي مهڪ
هلي ويندي آ-
چپ ڪُلندي به
مُرڪندا ناهن،
سُور سِرجي به
ڏري ويندا هن،
گيت جمندي ئي
مري ويندا هِن،
هي به صدمو اکين تي آ جاني!
ٻئي ڪهين جي اچي وڃڻ
تائين!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو توکي ڏسي ٻه
سمجهان ٿو
منهنجو ڪوئي ٻه
پنهنجو ڪونهي-
آءٌ خود
پاڻ کي ٻه
اڄ تائين
پنهنجي ليکي ۾
لکي ناهيان سگهيو
تون ته ڪنهن جي ٻه
ملڪيت ناهين
تنهنجيون اکڙيون ئي
پڌائن ٿيون پيون-
جن کي ڪوئي ٻه
خريدڻ چاهي
سو ته بلڪل ئي
آهي ناممڪن.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پس منظر

نظم لکي
من جي پيڙا ماري جياري
سڄ چئي
پاڻ کي زهر پياري
ان جي هيٺان لکيو اٿم (ڪجهه
ڏنگين جي بند دروازن ۾)
ايڊيٽر ٿو چئي
بنا سِري هن نظم جي هيٺان
ڏنگين ۾
جو لکيو اٿئي-
اهو نه چپجي سگهندو-
باقي نظم هلي ويندو-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ پنهنجي ئي ليکي جڳ آهيان
آءٌ پنهنجو ئي پاڻ لوڪ آهيان
آءٌ پنهنجي ئي پيڙا ورڇيان ٿو
آءٌ پنهنجو ئي پاڻ گهوريان ٿو-
پنهنجي من جي اداس واٽن تي
آءٌ پنهنجا ئي پيرا ڳوليان ٿو-
منزلون ڏور، ڏوڙ تيز هوا
واٽ بي رحم ڏاريءَ ماءُ جيان
چڙپ جا قرب ڏيندي خوش ٿي ٽٽي-
آءٌ رڙهندي ۽ مرندي لوچيان ٿو
پير اڇٽي وڏائي سرڪان ٿو
پر اڃا منزلون پري آهن!
پر اڃا منزلون پري آهن!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

عورت ذات
اصل کان
ڪاري آهي
چو ته مرد
بي غيرت آهي.....
مڙسي سهڻي ۽ ئي آهي
جيڪا ڏمر کان
لڪي ڇپي
ميهر ساڻ
درياءُ ٽپي
ملڻ جُلڻ
ويندي آهي.....
ٿُڪ هجي
ان لوڪ لڄا کي
سچ کي ڪوڙ
چوڻ جي
جنهن ۾ جرئت آهي.....
هيءَ جا انارڪزم آهي
پتائي به ان جو قائل آهي
صوفي ازم
مُلن آڏو
واجب القتل آهي.....

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ٻيلي ۾
هڪ چوواڻي تي ٻيئو آهيان
چارئي واڻون
اڻ سونهين اونداهيءَ ڏانهن
سڏن ٿيون ٻيئيون-
هڪڙي پاسي
چهرن جا آواز ٻڌان ٿو
(جن کان ننڍڙي هوندي
ڏاڍو ڊڄندو هوس،
جو امان هئي چوندي،
چهرو جاتي هوليندو آ
انڙي موت اوس ايندو آ)-
۽ ٻئي پاسي:
گدڙن جون اوناين-
جن کان پڻ آئون ڊڄندو هوس
ننڍڙي هوندي،
جو چورَ ۽ گدڙن وانگي
اونائيندا آهن
رات جي وڳڙي
کاڻ هٽڻ لئہ،
چور سڏڻ لئہ
کٽن جي باهوڙ ٻڌان ٿو ٽئين پاسي:
شايد سوئر پوئتان آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي پنهنجي بچاءَ خاطر
وچ لائيندا هوندا
ٻ جيڪو اوڏانهن ويندو
تنهن جو پيٽ ڦاڙيندا-
چوٽين پاسي،
ڳوٺ آ منهنجو
جنهن ۾ ڪيئي ڏينهن ٽيا هن
ڏاڙيلن جي دارونءَ جي ڏپ
اجا نہ وئي آ-
جتان پڄي،
هت ٻيلي ۾
هڪ چوواڻي تي وينو آهيان-
ٻ چارئي واڻون
اڻ سونهين اونداهيءَ ڏانهن
سڏن ٽيون ٻيڻيون-
رات ٻہ مون سان ٻيڻي آهي
چَپ هنيون
ڪنهن سوئر وانگي-
ڏينهن جو تارو
ايريو ناهي
شايد ماڻ جي پيٽ ۾ آهي-
پن چڻ جي هن آڏيءَ رات
جيئرا آهن هوا جا جهوٽا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيزءِ چيندڙ
سرءُ جا جھوٽا-
باقي رات مري وئي آھي-
آءٌ اجا چواڻي تي ئي ٻيٺو آھيان-
گھڳھ اوندھ ۾
چڙيل پنن کي ميڙي
ھڪڙو ڏِڳُ ڪري،
ڪيسي مان ماچيس ڪڍي،
تيلي ٻاري،
سُڪل پنن کي باھ ڏيان ٿو-
چوواڻي جون چارئي واٽون
گھڙي پلڪ لئہ
روشن ٿين ٿيون
ءِ پوءِ آھي
ساڳي گھڳھ اونداھي
ءِ مان آھيان.

مارچ 77ع واريون چونڊون
(اعلان ٽيڊ ڪانپوءِ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جو واءُ
ورائي آيو
چيلين جان
چڙواڳ هوائون-
پن چڙ شامون-
پيلا پتڑا
ميندي‌ءَ رتڑا
ننڍڑا هٿڑا
مون ڏي وڏندڙ
موٽي ويندڙ
ڏينڊڙ ونندڙ-
ابتا سبتا
ارڏا اڏما
ڪوجها سپنا
سهٽا مهٽا
هن جا
منهن جا
ٻاروٽڙ جا
ڪيئي ٻار جيان
بي ڏوهي
ڏوهي جذبا-
چا چا وقت
ورائي آيو!
سانيرڪي
ساڙيندڙ سڪڑا
ڏينيون‌ءَ جان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي چڪ وجهي
ڏنگيندڙ ڏکڙا
مونکي پنهنجي ماضيءَ جا
هي سينڌن جان
سيبائيندڙ ۽
نينڌن ساڻ
نوائڻ وارا
ننڍڙا وڏڙا
ڏکڙا سکڙا
ڏاڍا پيارا آهن!
پر جڏ آءٌ
انهن کي ٻين جي
گولين جي گهاون
سان پيٽي
سوچان ٿو-
منهنجا سنهڙا
سکڙا ڏکڙا
گهاون مان
قوهارا وهندڙ
رت جي بوندن
ساڻ ملي
اڏي وڃن ٿا-
.....
سوچيان ٿو
مان گيدي آهيان
گهايل ناهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور توکان پڇڻ جي خاطر مان
کوڙ سارو تہ پي ويو آهيان
پوءِ بہ اندر ۾ آئڊ مانڊ آ چو؟
ڪنهن نماشام جو آ ياد ڪيو!

منهنجي نس نس چلانگ ماري ٿي
منهنجو سينو اُلاءِ اگر بڻيو
لوندڙيون زور سان ڏوڻ ٿيون لڳن
آءٌ پڇندو وڃان ٿو دور اڃا
منزلون پار ڪندو توکان پري
درد جي ڏوڙ اڏامي ٿي پنيان
جيءُ جهوپا ڏئي جڏهن ٿو پچي
منهنجي واڇوڙي جهڙي وک جو سبب
آءٌ رکجي وڃان ٿو هڪ هنڌ تي
ڪن لنون ٿا اکيون ڦرڻ ٿيون لڳن
مونکي تڏ ٿي خبر پوي جاني
منهنجي اندر ۾ آئڊ مانڊ آ چو
ڪنهن نماشام جو آ ياد ڪيو.

ياد جي ڏنڊ کي هٿائڻ لئہ
وايو منڊل سڄو مٽائڻ لئہ
سڄ جهڙو وٽو ڪٽي وهہ جو
آس جي لاش تي مان اوتيان ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيئي اڏما ۽ آهون ايرن ٽيون
جن کي ماري نپوڙي ساهه ڪڍي
پاڻ ماري ٻه جي رهيو آهيان
دور توکان ڇڄڻ جي خاطر مان
کوڙ سارو ته پي ويو آهيان،
پوءِ ٻه اندر ۾ آندڻ مانڊ آ چو
ڪنهن نماشام جو آ ياد ڪيو!!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

20th century

اڄ بہ انسانيت
کي چيرپٽڻ-
اڄ بہ ارواح آهن
اونڌا ٽنگيل-
مسجدون کوس گهر
ملان جلاد-
مندرن ۾ چتا
چڙهي انسانُ-
چرچ ويهين صديءَ جو
چرچو آ
جنهن کي ٻڌندي ئي
ٿهڪ نڪتا وڃن،
پاڻ تي،
هن صديءَ جي
هن اڌ ۾.

●

مڌر مڌر سنگيت چڙي ٿي تارَن مان
جاگڏري ٿي
عطر عنبر سرهاڻ لڳل هن وارن مان
ولهه ۽ چوٽي منجهه ڪپور
سرهو سُور
جو گڏري ٿو
چنل ٽٽل من جي دنيا جي تارُن مان
دنيا مليا ميٽ ڏسان ٿو هن ڏُنَ ۾
سڪڙي بن ۾
جاگڏري ٿي
ڪاريهر جان لهر هڙي ڪِن چارَن مان!



تنهنجي جسر جو ڇهاءُ
ازلي پڙلاءُ!
تنهنجا ڪارا گهاتا وار
گهاتي نر جي ڄاڻو!
منزل ڏور!
گهاوَ بدن تي، من پروڙ
لڳ لڳ ڇُور-!
گهڙي پلڪ لئه ڄاڻو نهاريان
هانو ناريان!
اڳتي وڌڻو ٿر سو
ويڻو توکي ساريان!!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فن جو دشمن

گل سنگهين ٿو
گل جي خوشبوءِ
يانءِ پوَئي ٿي،
پر جڏ آءٌ
گلن جي خوشبوءِ،
موتئي جهڙن
لفظن ۾ ٿو آڻيان
بچان لڳئي ٿي-
مونکي ايئن لڳي ٿو شايد
فن جو دشمن آهين
گل جو دشمن ناهين-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جي پوڙ

ايترا ڏينهن
ايتريون راتيون
ويون وهي
پوڙ جي لهر وانگي-
من جي اڏمڻ کي آسرا ڏيئي،
کيترا بند پئي ٻڌم ليکن
پورُ تنهنجا
سنڌوءَ جي چولين جان،
جاڳ ۽ ننڊ کي نہ ليکيندي
دل جي هر روڙ مان
ليئا پائي،
روح ۾ ڪنڊَ وجهندا پائيندا،
ويا وهي پوڙ جي لهر وانگي-
دل جو واهڻ
سنڌوءَ جي ٻيٽ جيان
هاڻ سمهيو پيو آ
سج هينان-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

باک ڦٽندي
اها ته پک اٿر
ان ڪري
سور ساهه سان سانديي
ڪوڙي منهن سان
نڙيءَ کان
لاهيان ٿو-
گهڳهه اوندهه
هڙ گهوري
اکيون پٽي
هٿ پنڊ تي
صبح کي
ڳوليان ٿو
چو ته مونکي
اصل کان پک آهي
منهنجو تنهنجو
وجود ئي
ڪونهي-
منهنجا تنهنجا
هي سيئي سور
پراوا آهن
منهنجا تنهنجا
هي سيئي سک
اڌارا آهن-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مست اکين جو ڏوراپو

ٻاروٽڻ کان
من کي اکريءَ
مهريءَ وچ ۾
ڪتبو، چِلبو
ڏنو اٿم-
ٻاروٽڻ کان
هن جي مست
اکين ۾ اکيون
اٽکائي ڪجهه
ڏنو اٿم-
ٻاروٽڻ کان
ڪيئي ڀيرا
جياپي تي
کي جُهلون آڻي
ڏند ڪرٽي
گهٽو ڏنم-
اڄَ ڀي مونکي
پنهنجو جياپو
بکواس سوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ لڳي نٿو-
اڄ يي اکيون
ٻوٽي ان کي
گھٽو ڏنم
اڄ يي ھن جي
مست اکين جو
ڏوراپو آ
ياد پيو
اڄ يي وري
الائي ڇو آ
زندگيءَ سان
پيار ٿيو.



منهنجي ڏات ڏکويل ڏاڍي
هڪ هڪ ماڻهو آڏو پنهنجو هٿ ڏگهيري
پنڻيءَ چوريءَ وانگي شرمائيندي
هڪڙو سوال ڪري ٿي-
هڪڙا ماڻهو مڙي ڏسن ٿا
هليا وڃن ٿا
هڪڙا ماڻهو بيهي هن کي گهوري گهوري
چپ چٽن ٿا
هڪڙا ماڻهو ننهن کان چوٽيءَ تائين
هن کي تکي تکي
پوءِ اڳهه پچن ٿا-
هڪڙا ماڻهو
هن کي هٿ مٽي تي ڏيئي
سمجهائن ٿا-
هڪڙا ماڻهو چري چئي
هڪ ٽهڪ ڏين ٿا-
هڪڙا ماڻهو منهنجي ڏات ڏکويل کان پي
گهٽو ڏکويل هوندي
هن ڏي اک وڌائي
ڳوڙها آڻي
مرکي ڏين ٿا
منهنجي ڏات ڏکويل ڏاڍي چوريءَ وانگي

پنهنجا خالي پلوَ چنڊيندي
گهر اچي ٿي
ڪَن تي هٿ رکي ڳائي ٿي
بک جون تارون تاڻي
منهنجي سور جي سرندي کي سرڪائي
سڪي ويل ۽ ٽوٽ هٽن جي هڪ هڪ آگر
سان چيڑي ٿي-
ڏٽڙيل روح سان
رت ٻڌل آلاپ اچي ٿو-
گيت جڙي ٿو-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ تي سِرُ ڏيئ نہ ٿو چاهين!

سچ تي سر ڏيئ نہ ٿو چاهين
گهر ۾ ننڍڙا صغير پار اٽئي
اڄ جڏهن تنهنجو ننڍڙو پيارو پٽ
کار جي قيٽي هينان چڇريو آ
اوچنگارون ڏئي تو بس ڪئي آ
هاڻي سوچي ٻڌاءِ جو چاهين!
سچ تي سر ڏيئ نہ ٿو چاهين!

سچ تي سر ڏيئ نہ ٿو چاهين
تنهنجي محبوبا توکي چاهي ٿي
اڄ جڏهن ٻئي جي هٿ ۾ هٿ اٽس
تنهنجي نالي جو ڪو نہ ٿي چاڻي
تڙڦي تڙڦي تو بس ڪئي آهي
هاڻي سوچي ٻڌاءِ جو چاهين
سچ تي سر ڏيئ نہ ٿو چاهين!

سچ تي سر ڏيئ نہ ٿو چاهين
ڇو تہ مفلس غريب شخص آهين
اڄ جڏهن ڪنهن وڏيرڪي ٽيڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي گناهيءَ جو جيل ڏيکارئي
کوڙ پچتائي نيٺ بس ڪيئي
هاڻ سوچي ٻڌاءِ جو چاهين
سچ تي سر ڏيڻ نہ ٿو چاهين!

سچ تي سر ڏيڻ نہ ٿو چاهين
چو تہ دنيا هي توکي پياري آ
هاڻي دنيا ڇڏيون لڏيو ٿو وڃين
ساهہ باقي ہہ ٿي بچيا ٿي وڃي
مفت ۾ موت ور چڙهيو آهين
هاڻي سوچي ٻڌاءِ جو چاهين
سچ تي سر ڏيڻ نہ ٿو چاهين!

ڪيئن لکان؟

سير ڏئي هي رت ڪڍي وڃ
پيرن هيٺان پونءِ ڇڪي وڃ
هٿ جي هڪ هڪ آڱر لاهي
گهڙي، ڇلهي ۽ ڇانگهي، ناهي
ساڃي هٿ کي نَپُ هٽي وڃ،
پوءِ چوين جيئن
تيئن لکان-
سج کي هڪڙي جاءِ ٻڌي
پاڃن کي ڪو ونگ هٽي
ڏرتي تان هي ڏوڙ ٻُهاري
ماٺهن کي هڪ جاءِ وهاري
اوپاسيون ۽ آهه کٽي وڃ،
پوءِ چوين جيئن
تيئن لکان-
يڪتاري کي چپ ڪرائي
چيرين جو چمڪار گهٽائي
آوازن کي تالو ڏيئي
سڏڪن کي ڪا ڦاهي ڏيئي
ڳوڙهن جو تعداد ڳٽي وڃ،
پوءِ چوين جيئن

تيئن لکان.
جوپن جا سو رنگ لکائي
ميچن کي ماري ۽ مجائي
سهڻين جي سيني کي لکائي
جسم سندو احساس اڏائي
سڄ سمورو ساڻ کڻي وڃ،
پوءِ چوين جيئن
تيئن لکان.
پوءِ چوين جيئن، تيئن لکان.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ تي هڻڻي ڪاري رات
جنمن کان اوندهه جا ڪارا پر ڦهلائيندڙ
ڪاري رات،
مون سمجهيو هو
ختم نه ٿيندي.
تنهن تي ايڪڙ ٻيڪڙ تارن مان هڪ تاري
چمڪي چيو هو
جيسين اوندهه جي سيني ۾
تنگ ڪري ڪو تارن وانگي پاڻ نه ٻرندو
تيسين تائين سانت ئي هوندي
ايئن چوڻ سان
چمڪي تارو اونڌي ڪنڌ ڪريو هو-
مون سمجهيو هو
ڏاڙهڻ جهڙي ڪاري رات
ڪيڏي ظالم آهي
ڪيئن نه ڏاڙهڻ رات اسان کي
گهڳهه واندهه جو سرمو پائي
راڄ ڪري ٿي
مون سمجهيو هو
ڪاري رات
ختم نه ٿيندي
پر هي ڏسندي ڏسندي اوپر کي آ ڪهڙي

آڳ لڳي وئي
اوير سارو ڀاڙهو ٿي ويو
ڏسندي ڏسندي
ڀاڙهي اوير جي هي سرخي
اتر ڏکڻ کي اوندهه جي آڙاهن مان آزاد
ڪري
اولهه ڪاهه ڪئي آهي
هاڻ مون سمجهيو
ڇا ٿيو آهي
آپ ته ڀاڙهو ٿي ويو آهي
ڏرتي ڀاڙهي ٿيندي
ڪاري رات هلي ويندي.

سچ ۽ ڪُوڙ

سچ! ڪيڏو نہ ڏنگو آهين تون،
توسان ياري رکي ڇڏي آ جنهن
تنهن جو لاشو گهٽين ۾ ڪينهونءَ جئن
ٺوڪرون کائي ڇيهيون ٽي ويندو-
پوءِ به ڪيڏو نہ سچو آن سچ تون!
ٺوڪرون کائي، ٽڏجي ڇيهون ٽي،
ماڻهپي زندگي جي راهن ۾
رڙهندي مرندي به سچ ڇيو آهي.

ڪوڙ ڪيڏو نہ پيارو آهين،
تنهنجا چپ ڪنهن حسين عورت جان
ڪيترا رس ڀريا ۽ پيارا هن
تنهنجي ڪجلين اکين ۾ آس آهي
تنهنجي ننگي بدن ۾ تاس آهي
تنهنجو جلوو نہ ڪنهن آ موٽايو
تنهنجو عاشق نہ ڪڏهن راس آيو
تنهنجي ڪا ميچ ڪنهن نہ موٽائي
جو به آيو انهيءَ جي سمجهه وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ ٿئن ڪيترو نہ قاتل آن
تنهنجي ڪوڙي جواڻي لال ڪُنا
سونهن ديويون ڪُنيون ۽ پار ڪُنا
منهنجي من جي اداس ڇانون ۾
اولڙو ٿي نہ ڪوڙ ايندو ڪر
چو ته منهنجي ڪويتا ڪويل آ.

راڳ ڳائي بہ مُنهنجي جيئندي آ،
چيٽ جڏ ۾ي ڦُٽو آ ڏرتيءَ تي،
مور مستيءَ ۾ ناچ ڪيو آهي،
گونڇ، تاريون ۽ گُلن کي گُهوري،
سچ جي سونهن کي ٿي واجهائي،
سُور سِرکي بہ سچ چيو آهي،
جنهن توسان نباهہ ڪيو آهي،
تنهنجو لاشو گهٽين ۾ پيو آهي،
سچ! ڪيڏو نہ ڏنگو آهين تون!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

مون تہ تڏهين چيو هو
واعدا هي
وقت ۾ ويڙهجي
هليا ويندا-
تو چيو هو تہ
ٻئي امر آهيون
وقت جن آڏو
انڊو مندبو آ-
وقت اڄ
وات تي آ ٽکرايو
جهوري پوڙهو
مٽي تي ڳنڍ ٻڌل
تنهنجا منهنجا
کيل سيئي واعدا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چِٽُ

سانجھ جو ساھُ
نڙيءَ ۾ اٽڪيل
ھڏڪيون، سِجُ
رت جي ٽٽي-
ڪارڙا، ناسڙي
پکي اڏرن،
جھنگ سُنسان
وسڻ ھوائن ۾
ھارڙن
راند ڦٽائي آھي-
ڏوڙگھٽين ۾
اڃا ڪيڏي پئي-
باھ ڇُلھ ۾
ٽي ٻري، ماءُ
سيڪي ٽي وينِي
اوسيئڙو
پٽ ڪيڏي اچي
ٽ ڪير پَلي ۽ ماني
ڏيانس ٽ ڪائي سمھي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانجهه جو ساهُ
نڙيءَ مان نڪري
اڏري ويو آهه
چڏي اونداهي-
رات جو لاش
آ اوندهه ۾ دفن،
ماءُ،
چُلهه ۾ ٽي
سَيري آرانيي،
باهه به
سرديءَ ۾ جمي
ٿنڙٿي ويئي
آهي جڙ.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مات

مات جي مَرَ کو ڪري جادو
جڳ جاگوڏا چٽي وئي آهي
آءٌ تارن جي ڇانوَ ۾ ويٺو
هڪ- مَنو ڪَن لائي زور ڏئي
رات گذرڻ جو ڪڙڪو تاڙيان ٿو-
رات ڪاري نياڳي مَرَ وانگي
پيرڪڙڪو ڇُپائي چورن جان
ڏينهن جي ترورن کي ڏوڪيندي
اونهي ڏَرَ ۾ وجي لڪائيندي-
مات جي مَرَ کو ڪري جادو
جڳ جاگوڏا چٽي وئي آهي
آءٌ ڪيڏو به ڦٽڪان، لوچان ٿو
مات جي ڳڻڻ مونکان ڪين ٻجي
دل چوي ٿي ته اندپين ٻجي
مات ۾ مات واراگيت گهٽيان
من کو واکو ٿئي ڪا ڪوڪ اُٿي،
مات جي ڳڻڻ ٻجي شور ٿئي.....
مات تارن مان ٽمي بڙڇيون ٿي
منهنجي تنهنجي متان وسي رهي آهي-
مات واڇوڙو بڻجي، پٽر هٽي

توکي مونکي ڇُٽي رهي آهي
ماڻ تنهنجي ۽منهنجي اکين مان
ڪوسڙو ڳوڙهو ٻُڌجي ٽپڪي ٽي
پوءِ به هيءَ ماڻ موت جهڙي آ
ڪو به آواز ڪين ايري ٿو-
ماڻ جو لڙڪ ليکڙي ناهي
ماڻ ئي ماڻ ۾ سُڪي ٿو وڃي
اڄ تہ هن ماڻ جي ڪاڳڌ ڀڃي ڏينهن ڏئي
اڄ تہ هن ماڻ جي ڪاڳڌ ڀڃي ڏينهن ڏئي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساروٽيون

اکيون ٻوٽي، لڪ لڪوٽيءَ
تو ۾ مان جا راند ڪئي هئي
تنهن جي مون کي سانير آهي !
تون پل چڊين وساري پر
تون ساڳي جهانجهر آهين !
جيسين مونکي ياد اچي ٿو
مان سمجهان ٿو
تنهنجا منهنجا جسم ها ٽڪريا
راند ڪندي
تو ۾ مون هو پاڪر پاتو
هات ڪندي
لڪ ڇپ، ليلي لاوان راندين
جسم ڪان وڌ هيون تنهنجي لئہ
منهنجي لئہ پاڪر ڪان وڌ.
تو ۾ مان ٿي پيار ڪيو ته ٻہ
روح اسا نجا آتا هئا.
گهڙي پلڪ لئہ روسامو هو
پرچڻ ڪارڻ داڻ وڌو
مان سمجهان ٿو جنم جنم ڪان
چاري هان مان تنهنجو چنڊ!
چاري هان مان تنهنجو چنڊ!

چئلينج

رات پنهنجي هٿن سان پياري ٿي
سانت جو سور
نئون نڪور
جنهن کي پي
تنهن کي ٽيڙوءَ جي هيءَ ٿم ٿم، ٿم
جيءُ جهوري وري جياري ٿي-
مان به اڄ حال کي پلائڻ لئہ
زهر جو ڏڪ پريو آ يڪساهي
رات وارين اماسي اکڙين ۾
پنهنجيون ڪپائي اکڙيون پيئندو ويس
گهڳهه اوندهه-کي
هي هئي چئلينج

●

ماڻهوءَ پنيان پاڇي وانگر
موت اچي ٿو ڪاهيندو
ڪير ٿو ڇاڻي
ڪڏهين ايندو
ڪيئن ايندو؟
سڄ سمي يا انڌياري ۾
ساهه وٺي ويندو
هيءَ حياتي هيڏي ننڍڙي
هيئن وڃي
تنهن کان جيڪر مڙس ٿي مرجي
پلڪ پلڪ هڪ ڪوڪ ٺاهي
ظلم جي تارونءَ منجهه ڪپائي
ٺوڪي ڇڏجي
ڇو ته حياتي ننڍڙي آهي!
ڪير ٿو ڇاڻي
ڪڏهين ويندي
ڪيئن ويندي؟
جوانيءَ ۾ ئي رت رڱن جو چوسي ويندي
تنهن کان جيڪر هار نه ميڃجي!
لمحو لمحو
گولي ٺاهي
ظلم جا قهري ڪوٽ اڏائي
مانجهي ٽٽجي
امر ٿي وڃجي
ڇو ته حياتي ننڍڙي آهي
ڇو ته حياتي ننڍڙي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتحان

اتر اولھ ۾ ڏکڻ اوپرکان
تيز طوفان منھن ڪيو آھي
واءُ اھڙو اٽائو آيو آ
ھر سلو ڪنڌ پر ستيو آھي
واءُ واچوڙي ويڙھجي وڃجي
ذات وڻ پاڙ مان پٽيو آھي
آپ، اوندھ، انڌياري نگري آ
رات جھڙو ھي ڏينھن ٿيو آھي
آسمانن مان ايئن لڳي ٿو اڄ
نانگ ڪرندا يا ڪي وڇون وسندا
ڦٽڪندا جيوَ ٿھڪندا لڇندا
ھن انڌوڪار ۾ اڙي شاعر!
آگرين سان ڪنن کي بند ڪري
وات ۾ زور سان لٽو ڏيئي
بند ڪمري ۾ ويھي در ڏيئي-
پنھنجو ايمان بچايئي ته وڏو جس کٽيئي
پنھنجو ايمان بچايئي ته وڏو جس کٽيئي.

اداس رات....
هي آهون....
ءِ چنڊ جو ماتم!
اڄا تہ وڏندو ويجي ٽو
اڄا ڊگهو ٽيندو
خبر نہ آهہ
هتي جا بکيا ڏکيا ماڻهو
سمهي سمهي بہ ڪي ٽکبا
يا ڏينهن پي ٽيندو؟؟
اڄا تہ پيٽ بکيا
نڊ ۾ ولهوٽ سهي
لڇي لڇي بہ سمهن ٿا
پُڇي ڪُڇي نہ سگهن
اڄا تہ رات مٽائن ٽي لڙڪ هاري پئي
اڄا بہ آهہ کان بس ڪئي نہ آهي منهنجي قلم
اڄان تہ چنڊ چريو وارپٽي هانوءُ ڦٽي
اڄا تہ رات جي سيني جو گهاءُ وڏندو ويجي
اڄا تہ سر آ وهاڻو
جڏهن ڪو ڪنڌ ڪري
اڄا تہ پنڌ پري آ
اڄا تہ پنڌ پري
اڄا تہ پرهہ پري آ
اڄا تہ پرهہ پري.

پيءُ وٽ ڪجھ هجي
هجي نہ هجي
ٻوڑ گھر ۾ پچي
پچي نہ پچي
ٻارھر حال ۾ ڪڏي ۽ ٽپي
شام جو عيد وارو چنڊ ڏسي
هل هنبوچيون ۽ دنباھا ھٽندا
ٽپندا ڪڏندا ۽ ٽھڪڑا ڏيندا
عيد هر حال ۾ ملھائيندا.
ڪين خرچي ملي
ملي نہ ملي
ٻياني ڪوٽي هلي
هلي نہ هلي
ٻارڙا يارڙن سان راند ڪندا
پاڪرن ۾ ڳراٽڙيون پائي
هن دنيا جي ملال کي لوئي
هٽ هٽن ۾ ڏئي اٽي هلندا
عيد جو سھڻو چنڊ ٽي پوندا
عيد تنھنجي ٽئي
ٽئي نہ ٽئي
عيد منھنجي ٽئي
ٽئي نہ ٽئي
ٻارھر حال ۾ ڪڏي پوندا
عيد هر حال ۾ ملھائيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومل

گندگي جي ڍير مان
مون لڌي
هڪ بندگيءَ جي مورتي-
جنهن جو دامن پاڪ صاف
جنهن جو سينو چاڪ چاڪ
تو جيان
ءِ
مون جيان
جنهن کي سماج
ڏيئي ڏاج
پنهنجي قدرن کان ٽڏيو
ءِ هُن اڏيو
هڪ ڪاڪ محل
جنهن تي ڪيئي جوان آيا گهلجي
ڪيترن راڻن جواني نذر ڪئي
مون به اڄ پنهنجي جواني جهول ڪنئي
هن جي چانئٽ تي رکي
آيس هلي.

الهوٽ نندِ ۾ تنهنجين اکڙين
مون سان ڪائي ڳالهه ڪئي هئي
چنڊ ستارا شاهد آهن-
نندِ ۾ تنهنجي سونهن ڏسي
سانت ۾ ساري رات رني هئي
سڏڪي سڏڪي ٽڪجي پئي هئي
ڪيئي تارا توڙي ڏسندي
اونڌي ڪنڌ ڪريا ها
واءُ وٽن جي ڇانگهن کي
وٽجي وڃڙي پاڪر پائي
ڪوڪي ڪوڪي دانهن ڏني هئي
پوءِ به توکي نندِ هئي
پوٽيل تنهنجن پيارن نيٽن
مون سان هڪڙو سودو ڪيو هو
منهنجو موت حيات وڪيو هو
چنڊ ستارا شاهد آهن-
چو ته اهي پي مون وانگي ئي
چرڀ پرڀ ڪان چپ ڪري
وات ۾ پنهنجي آگر ڏيئي
دل ئي دل ۾ سوچن پيا
سوچن پيا ۽ لوچن پيا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ گهڙي هڪ جنم

وقت کي ونگ وجهي پيرن ۾
هن گهڙيءَ کي هتي بيهاري ڇڏيان
هُن جي انگ انگ کي چتائي ڏسي
ور وکڙ وار ونگ کي پوڇيان
هي گهڙي کيتري حسين آهي
دل چوي ٿي اها امر ٿي وڃي
هي گهڙي هانوَ ۾ هُري ٿي پئي
خوف ٿئي ٿو کٽي ڇڏي نہ وڃي
هن گهڙيءَ هُن کي نند ۾ نيئي
هن جي وارن سان راند ويٺي کئي
چوڏهين چنڊ کي ڏندڙ ٿي پيا
رات روئي رڙي چتي ٿي پئي
هن گهڙيءَ کي گهٽو سجاڻان ٿو
هي گهڙي جوڙ متائي پنهنجي
مون کي ڪاٿئون تہ گهلي آئي آ
هي گهڙي هاڻ آ گهڙي پل تي
هي گهڙي ايئن کيئن ويندي
جيسين هُن جون نندڪڙيون ڪڙيون
هير کي سڏ ڪري نہ ڏوئيندي
هي گهڙي کيتري حسين آهي،
دل چوي ٿي اها امر ٿي وڃي.

سندر سپنو

سور جا سُر چڙي پيا آهن
جيءَ جي جهانجهه ويڻي جهونگاري
رات هڪ سازڻي پئي آهي
واءَ جا جهوڻڙا لڳن ٿا سُرَ
نِمرُ جي ٽارين مان نسري نڪتا هن
وڻ جون ٽاريون لڳن ٿيون تارُن جئن
جن کي چيڙي ڪو راڳ ٿو ڳائي
هي سمو هڪ سريلو سپنو آ
هوش جنهن مان اڃي حرام آهي
موت هن وقت جي اڃي هينئر
جهوڻڙو بڌجي يا ڪو گيت ٺهي
زندگيءَ کان گهٽو ڇگو آهي.

آٿت....

هن سائي نِم جي ڇانوَ تہ ڪيڏي گهاتي آهي
منهنجي پرسان
ڪيئن تہ وينو ڪِيرو ڳائي
ڪيئن تہ ڏکڻ جي هير گهلي ٿي گهري گهري
ڪيئن تہ منهنجو ساهہ ٿو وينو پگهر سڪائي
پرهي ٽاڪ منجهند جو سڄَ
جنهن تي ڪوئي ويسهہ ناهي
دِر ڪيو آهي،
پاڇا نيٺ پراوا آهن-
پاڇن کي پرڇائڻ وارا
پاڇا ڏاڍا رُسٽا آهن
ڪٽن ڪِهيلا منهنجا ساهہ
پاڇن جو پيڇو آ ڪهڙو
نٽهڻ اُس سان ناتو لاءِ
پاڇا جنهن جا پيري آهن.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسپائيريشن

اڄ
ماڻ هئي پر-
اوچتو
خيال جون
اٽڪل ڳجهون
ڏونڏ سمجهي
من تي لامارا
کائڻ لڳيون
نظم هڪڙو ڇڻي آيا بس ئي نہ ڪئي اٿم
تہ ٻيو ذهن جي پيٽ ۾ چرڻ لڳو آهي.

هي جڳ امر

منهنجي سر تي موت جي آيو
چا ٿي پيو ؟
گل ٽڙن ٿا، پوئنر پُلن ٿا، هير گهُلي ٿي،
شام ٽيڻ سان خالي ٽاري
پن ڇٽن ٿا ٻوسٽ ٽئي ٿي.
هن جا هي ڪِل ڳاڙها، سينو تاٽيل
ءِ ڏند موتيءَ داڻا
غائب ٽيندا وقت پچاڻا !
هر ڪا شي آ اچڻي وڃڻي
جنهن کي سگهي ڪو به نه روڪي !
هن جُڳَ جو هي ساءُ منو آ
باقي آڏو پويان اوندهه

جا عُمر! تو مُل عيد!

مان عيد اڇوکي کيئن ڪريان؟؟
ڪالهه ڪلهوڪي رت وهيو آ
لاش اڃا پي وڪريل آهن
جيل پريل هن پائن سان
ءِ پُٽ چڙهن پيا ڦاهيءَ ڏي
ديرن تي هن قلمن ٽڪرا
ڪوڙ زبانون ودجن ٽيون پيون
خيالن تي هن پهرا چوڪيون
سچ گهٽيو ءِ ڪوڙ ٿو ٻهڪي
هاري ناري بک مري ٿو
منهنجا ساٿي، منهنجا راهي عيد آ جن لاءِ
ڪولين ۾ ٽا فرش تي ليٽن
مان هي هنڌ ڪٽون ءِ ڪپڙا
گهوري ساڙيان عيد سميت
منهنجا ميت !
مان عيد اڇوکي کيئن ڪريان؟؟

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ سمهي پيو
تون بہ سمهي پؤ
چنڊ چريا!
ڪو اڇو ناهي!
ننڊ نياڳي
ناهي اڇي
جاڳرتا جو جيڏو آهي!
تون چا ڳولين رات لڙي آ
ڪُڪڙن پويان دس هنيا هن
باڪ ڏني آ.
مونکي منهنجي حال تي ڇڏ تون
هاڻي تنهنجي جوت ڪٽي آ.
چنڊ چريا!
تو الهي ويندين
پيڇ پنيءَ جو
سورج داتا اک پٽي آ.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاريءَ ڏاند

پاڻ ڪڪائون
سياري رات
جَهڪ اترجي
دونهين خاڪ
نڪ ۾ مُڇ وٽيل
نوڙيءَ سان
هڪڙو ڏاند هڏل،
ڪرنگهو نڪتل
ڪُکيون ويٺل
چهبڪ، چڪ ۾
بائي سان
پُني ڏڏريل-
ڳوٺ پٽيءَ تي
ويڙهيل سيڙهيل
پير ڦريل
پُڇَ ۾ ڳنڊيون
ڪُرَ زخميل-
پلال مُٺ تي
پَليل ڏاندُ،
هاريءَ جان
فرمانبردار، اٻوجهه،
نماڻو، نهنو ڏاندُ،

ڏَکيءَ جو هر ڪاهيندي
چهبڪ سَهندي
هلي هلي، جڏ
گوڏا ڪوڙي
ڪري پوي ٿو
مالڪ ان کي پاجاريءَ مان
ڪڍي ڪري
ڪاتي لائي
حلال ڪري
خيرات ڪري ٿو-
اوڙو پاڙو
گهر ۾ ٻوٽيون
چاڙهي ٿو-
۽ نندڙو وڏڙو
ڪائي ڏَوَ ڪري ٿو-
.....
۽ هو گوئرُ
ٽلهو متارو
آهُرَتي
بيهي ڪائيندڙ
ٽلهو متارو
بنا ڪمائيءَ
سُکيو ستابو
ريشم جي ڏوريءَ جي
نٽ ۾
ناڏون ڏيندڙ ڏاندُ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهين نہ ڪر جو
نہ ئي ڏُهڻ جو
نہ ئي ڪُهڻ جو
جواري ڏاندُ،
گوءِ جي پڙَ ۾
پُڇ ڪَنڊي تي چاڙهيو
ڦوڪارا هڻندو
جڏ گوءِ پڇي ٿو،
هارائي ٿو،
مالڪ پنهنجو
ارڪو ترڪو
ناس ڪري ٿو-
پوءِ به پڙ تي
ڏاند انهيءَ جي
قيمت چوٽي آهي-
هاريءَ جو ويچارو ڏاند،
زمين کيڙي
ان اُپائي
حلال ڪمائي
حلال کائي
پوءِ به ان جي قيمت ڪانهي،
چو تہ هو جواري ناهي
هاري آهي،
ناري آهي-

مارشلائي سنڌ

ڪچڙي
ابهم
ءِ گلن جهڙي ٻارڙي
جي ڪپهه جهڙي
ڳڻي تي
جتي پاڻهه وچان
چمي ئي ڏئي سگهجي ٿي
پوڄا واري تقدس وچان
اتيءَ بندوق مان نڪتل
شيهي جي گولين جا
گهاوَ لڳل آهن
.....
لڳي ٿو
شهادت جا موڙ
هاڻي صفير ٻارڙا
بہ ٻڌڻ لڳا آهن
ءِ وقت جي
حاڪميتِ جي ڏونڊ ۾
ڪينئان پڇجي ويا آهن.

---

zia era



ماڻهوءَ جو جڏ ڇيڇاڙي کو ساهه کڌي ٿو
من خوش ٿئي ٿو-
کنهن جي گهرکي باهه لڳي ٿي
خوشي ٿئي ٿي-
انسانن جو جسم جڏهن
ڪن ڪانڊن ٽانڊن جي تَوَ تي
جي ڇولن وانگي ٽڙکي ٽڙکي رک ٿئي ٿو
مزو اچي ٿو-
کنهن جي اک مان ڳوڙها جڏهين
سکي وڃن ٿا
رت وهي ٿو
هانوءُ ٺري ٿو-
کات وهي ٿو
هڏ ڪپي ٿو
مِک جون ڇاڻون
اَيندڙ ويندڙ جو جڏ دامن
ڳاڙهو ڪَن ٿيون
رت جون ٽينديون جاري ٿين ٿيون
سر ٿو ڪپجي
جسم ٿو ڦٽڪي
لڳ لڳ جڏ ٿو ڪٽرا ٿئي
ءِ مرندڙ ماڻهو ڦٽڪي ڦٽڪي

کين مري ٿو
ٿڪ اچي ٿو-
ڪوس گهرن ۾
ماڻهن کي جڏ.
هوريان هوريان
هڪ هڪ هٽ ۾
آگر آگوٽي ۾ اک ۾
ڪوڪا ٽوڪي
ايذائن سان ابتو سبتو
ليتائي ۾ لتون هڻي
ظلم ٿئي ٿو
آءٌ نچان ٿو
خوش ٿيان ٿو-

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تنهنجي سهڻيءَ چوٽيءَ جو
جي هڪڙو سنهڙو وار
به هيئڙ
لانگ بوٽ جي هيئان ايندو-
ڊائنا مائيٽ ٽي ڦاٽي پوندو
تنهنجي سبيل چپن مان جي
هڪ جملو ٻاهر نڪري ايندو
بندش پيل ڪتاب تي پوندو-
رئي جو پلوُ ورائي (جنهن سان
ڪڪرن وانگي سج
لڪائيندي آهين)
جي رت ۾ ٻڏندو
جهنڊو ٽڪجي پوندو-
تون جي چادر چوديواري
ڦاڙي چيري
ٻاهر نڪري ايندينءَ
مارئي ٽڪجي ويندينءَ
اڄ جو عمر برباد ٽي ويندو-
. چنڊ ڪڙي پوندو
۽ رات به ڏينهن ٽي ويندي-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Agitation

اڻ پليو
اڻ جهليو
سنڊو
اٽلي پيو-
ڳوڙڙا
شهرڙا
ماڙهو
ويچارڙا
اڌ اگهاڙا
بکيا
پجري کامي سڙي
چتا ٽي پيا-
هي گونگا
ءِ ٻوڙا
ڪروڙين
ننديا ءِ وڏا
برف جي ديش کان
سمنڊ تائين اُپا
مانڙي ياڃڙي
اڄ گهرڙ هِن لڳا

.....

سنڌو مانو هيو
سوچ مانڻي هئي
اوچتو اوچتو
چا مان چا ٿي ويو
اڏ پليو
اڏ جهليو
سنڌو اٿلي پيو.

---

zia era

جنهن ويري تو
نڪ ٽوپائي، اکيون هيٺ ڪري
گهوري ڏسڻ سکيو هو.
تنهن ويري
هڪ چانڊوڪيءَ ۾
هٿ ۾ هٿ ڏئي (تو ۽ مان)
ڪچڙيءَ تند سان،
پنهنجيون دليون جوڙيون هيون
پيار جا ٽوپا ڏيئي
اڄ جڏهن هن تاڪ منجهند جو
هٿ ۾ هٿ ڏئي
ڳوڙها گئس ۾ ساهه ڪٽي
اڳتي وِڪَ وڌائي
اکيون بند ڪري
مون کي تو آ گهوريو،
ايئن لڳي ٿو
پنهنجيون دليون
ڳنڍجي، پيڇجي
هڪ ٿي ويون آهن-

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوڙي خبر

گيت اصل کان گهايل من جا اُڏما آهن
جن کي بندوقون ۽ گوليون
قاسيءَ تختا هٽڪڙيون
آدجگاد کان اڄ تائين
او منهنجا سائين-!
سچ چوڻ کان جهلي نه سگهيا
پريت ڪرڻ کان پلي نه سگهيا-!
گيت غلاميءَ مان ڇا ڇاڻن
گيت ته گجندا رهندا آهن-
جو ته انهن کي پيٽ نه آهي
جو ته اهي انسان نه آهن-
مونکي هڪڙو پيٽ به آهي
آڻ بکيو انسان به آهيان-
جنهن کي هڪڙي گيت لکڻ لئه
پنو کپي ٿو قلم ٿو گهرجي-
گهرجن جي گهاٽي ۾ مَنُ
اکين تي کوپا آڻ ڏجي جان
قيريون پايان-

ڏرتي ڳول ڦري ٿي مونسان
سچ به ان ۾، ڪوڙ به ان ۾-
مونکي هڪ مانڊاڻ آ من ۾
گيت لکان يا ڪوڙي خبر--!!!

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئي ڊي....

تون چوين ته چا
نہ چوين ته چا
مان چوان ته چا
نہ چوان ته چا
هي ڏرتي جنهن تي رت وهيو آ
شاهد آ-
هي لک چپ جي کا راند نہ آ
هي خون کٹوري آ-
هي ساڳيو خون صدين کان وهندو آيو آ
هت برف تان رڙهندي پهتو آ
پر سچ جو خون ڦريو ناهي
هيءَ خون سچ آ کوسو آ
هي منهنجو آ، هي تنهنجو آ
هي ڏاڙو آهه کهاڙو آ-
هي خون کٹوري آ-
تون ان کي کيئن لکائيندين
هي خون اصل کان لکندو نا
هي هٹکڙيون بہ ڳري پونديون
هي خون رڳن جو ٹهکيل آ
هي خون ته کيڏو ريڙو آ
جڙ چيٹ ڦڙو آهي

ڪونگو ٽارين، اڪ ٻجي ڦلڙين
ڪرڙن جي پُسين تي اڄ
هي خون اڏامي آيو آ
هي ديسي آ پرديسي آ
هي تنهنجو آ، هي منهنجو آ
هي خون شڪاگو شينهن جو
اڄ چيٽ سان گڏجي آيو آ
اڄ ڪيٽ ڪٽوريءَ واسيا هن
هن خون ڪٽوري آندي آ
اڄ مئي ڊي آ
اڄ مئي ڊي آ.

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽڪو

ڪچڙي گونچ کي
هنج ڪيڏائيندڙ ٽاري
پاڙکان پٽجي پئي-
فطرت، سونهن ۽ ڏرتي
تي جڙ هلچل مچي وئي-
۽ ٽڪٽڪيءَ تي
اونڌي ٻڌل انسان
تي هڪڙي ڦٽڪي ڦهڪو ڪيو-

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترٽيل
نيٺ جو
ڏگهو ڇهڪ
ٽڪٽڪي
اونڌو ٽنگيل
آدم ذات
پوءِ به
ڦٽڪا جهلي
وهائي رت
ٽڪٽڪيءَ کي
چمي، لهي ٿو ڪو
ڏکندڙ آڱرين سان
"ويءَ" جو
اشارو ڏيئي
موت کي مات ڏئي
اچي ٿو ڪو.

---

zia era

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچستان.....

پهاڙن تي پهرا
هوا هٽڪڙين ۾
هي چشمن جو پاڻي
آ تنهنجي اکين ۾
آ تاريخ سان تنهنجو تڪرار ڪيڏو
هي پربت آ جيڏو
تون وحشي آن ايڏو
هي ٻارا
هي چارا
هي ماڻهو ويچارا
مروڙي سروڙي
پلي ميڙ ڪر
هي پيٽل پٿر
چيڪي مٽي ته ناهن
تون پوري سگهين ٿو
هي ڳوهڙ جا ناهن-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ٽہ جنم ۾

وڙهڻو ٿي ٽہ اڪيلو آ
مڙسُ، مڙسَ جو مَتُ آهي !
زنجيرن سان جڪڙي مونکي
بندوقن جي پهري اندر
ڏکندو ڏکندو وار ڪرين ٿو
پوءِ بہ چوين ٿو ڏاڍو هان ؟؟؟
منهنجي جهوُر جياپي کي
گهاٽي اندر پيڙي پِيڙي
ناس ڪري نپوڙي پوءِ بہ
دل جهلي ڳالهائڻ جي تو ۾ سگهہ نہ رهي آ !
منهنجي مويل منهن کان پنهنجو منهن لڪائي
ڪهڙي منهن سان .
هام هڻين ٿو ؟
مُون جي هاريو سچ چئي اڄ
تو جي جيتيو ڪوڙ ڪري
چاڻي پيو ڙي، چا ٿي پيو ؟
جيسين ڏرتي جيئري آهي
ڪنهن ٽہ جنم ۾ !
منهنجا هي زنجير پگهربا
تنهنجو منهنجو ليکو ٿيندو !
.....ليکو ٿيندو!

(بلوچستان ۾ ملٽري ايڪشن واري واقعي کان متاثر ٿي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙي جو در
آڏيءَ رات
الائي ڇو اڄ
ڪڙڪيو آهي-
ڪالهه به اهڙوڪڙڪو ٿيو هو
۽ پوءِ
هڪڙو ريلو رت جو
وهي هليو هو-
منهنجي چانئٽ هيٺان
چيڪيءَ متي اندر
سڪي ويو هو
اڄ پي اهڙوڪڙڪو ٿيو آ
آڏيءَ رات ستارن هيٺان
گونگي سانت کي
چيري ڦاڙي
ننڊ پيل ڏرتي کي ڏوٽي
درڪڙڪيو آ-
اڄ جو ڪڙڪو
در جو ڪڙڪو ناهي-
رت جي ڪنهن
درياءَ جو ڏڏڪو آهي
سوچان ٿو
هي ڪڙڪو منهنجي
در جو ڪڙڪو ناهي-
سمهي پوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو چا؟
پرهي رت جون چوليون
مونکي
سمهڻي پئي پيي ٻوڙي ويندیون-
سوچي سوچي
اتي پوان ٿو
اوندهه ۾ هٿ ڦيري
رائيفل ڳوليان ٿو-
هٿ کي پنهنجو قلم لڳي ٿو-
اوندهه ۾ سپ
زور ڏئي
جڏ قلم کڻان ٿو
کڄي نه ٿو
قلم ٻه ڳوريءَ چپ جيان
اڄ
کڄي نه ٿو-

(بنگلاديش ۾ آيل مارشل لا تي لکيل)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ....

سچ چئو آ سڄ جيان
تون ڏوتا اکيون بند ڪري بہ
ڏسي سگھين ٿو!
پر جي.....
تنھنجين اکين مٿان
انڌائپ جا ھي چوڑ لھن
پر جي.....
پنھنجيءَ اندرينءَ اک کي
کولي ڦاڙي
تاريخن جي ترورن جا تاءَ ڏسين،
پر جي.....
تنھنجين اکين اندر
ساڃھ جو ڪو سرمو پائي
پر جي.....
تنھنجن دوڏن ۾ ڪو
دور سرائي ڦيرائي
پر جي ڏوتائپ جون تيرھن تاليون ھي سڀ دور ڪرين
تہ مان سمجھان ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين پٽڻ کان عُذر ڪري ٻه
انڌا، ٻوڑا، گونگا، ڏوتا!
ماڻهو پوءِ ٻه
سڃاڻين سگهين ٿو!
پل ته ڪنن ۾ ڪپهه هجئي
پل ته ڇنگهون ۽ ٻانهون تنهنجيون
نانهن جي نوڙيءَ ساڻ وڪوڙيل
ويڙهيل سيڙهيل ٻڌل هجن
پل ته ڳچي ۾ گهپيءَ جو ڪو گهوگهو پاتل ڇو نه هجئي
۽ ارهه تي ڳوري لالچ جي ڪالت هجئي
سڄ ته پوءِ ٻه سُرهو آهي
ڪيسين ساهه منجهائي سگهندين!
جيسين ساهه ڪٽين ٿو ڏوتا!
سڄ جي هن سرهاڻ کي ناسون بند ڪري ٻه
سنگهي سگهين ٿو
سڄ چٽو آ سڄ جيان
تون ڏوتا اکيون بند ڪري ٻه
ڏسي سگهين ٿو.
ڏسي سگهين ٿو.

(پاڪستان طرفان بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ وارو اعلان ٻڌي لکيل-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِر- چي- ها جي نالي

پڳل، ٽٽل
ءِ ٽڪر ٽيل ئي سهي،
هي تنهنجو قلم،
ڏاڍ جي ڏونگر ڏارڻ ڪارڻ
ڪافي آهي-
مونکي اهڙي پڪ آهي،
تہ دنيا جا سڀ سچا ماڻهو
سيئي سوريتيون ءِ ٻاگهيون
منهنجن گيتن ساڻ ملي
تنهنجي ياد کي ياڪر پائي
پيار ڪنديون-
ءِ تنهنجي ڇڏيل
چتر اڏوري ءِ
باقي رنگ پريندیون-
تنهنجا گيت گهٽيل هوندي يي
جڳ جون ليکون اُکري
سورج وانگي
پنهنجو تاءُ ڏيکاري
رت کي تيز وهائيندا
ءِ تنهنجو قرض چُڪائيندا-
جيڪو تنهنجو مقصد آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم چي ها،
منهنجي تنهنجي ڏرتي
هڪ ئي آهي،
تون ڪوريا جي بند جيل ۾ آهين،
آءٌ سنڌ جي ڪُليل جيل ۾ بند آهيان-

(ڏکڻ ڪوريا جي عظيم انقلابي شاعر ڪم چي ها، جي نالي جنهن
کي جمهوري ۽ ترقي پسند تحريڪن ۾ پرپور حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾
قيد ڪري مٿس بغاوت جو ڪيس هلايو ويو هو)

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مريض هڪڙو
نرس کي چئي ٿو،
سُئيءَ هٽڻ کان اڳ ۾
ٿورو مُرڪي ڏس،
سُئي لڳڻ جو
سور نه ٿيندو

●

ڪوئي آهي
سڪل وٽن جي ٽارين جان
هٿ ڪنيون،
اپ کي ٻاڏائي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات هوندي ئي جڏهن
چنڊ لهي ويندو آ،
آءٌ،
سگريٽ مان سگريٽ کي
ٻاريندو هان-



ينيرکي جو
مينهن جي ڦڙڦڙ
بار جو در
کڙکائي ٽي-
موکي چئي ٽي
جمعو آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي ڪيڏي بہ رکي
ڪيڏي بہ ڏکي
ڪيڏو بہ ڏڇو
جي سچ پچو
موت کان پياري آ

●

مان چا، تون چا ۽ دنيا چا؟
تنهنجي توکي آهہ لڳي چو؟
تنهنجو انگ ۽ رنگ نہ آچا ؟
هي دنيا، هي پوري دنيا !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوٽي پٽڪين
جُهڙَ جي ڪري،
رات رهي وڃ
اڪڙين ۾-

●

هاري ٽڪجي
چُورٽي چئي ٿو،
آئون به اينئن
مري ويندس،
جيئن بابو
مري ويو هو

گھاٽي مان اڄ ڏاند پڳو
تاڏ ڪندو
پيجرو پرزا پرزا ٿيو
پکي اڏيو
مينهن ڏھايو، پاڏو چٽيو
ڪترن کيٽو چڏيو
کير مکڻ اڄ دَل ٿيا
پاڙي اوڙي ھَل ٿيا



پورنماسي رات لڙي ھئي
ڏکڻ گھلي پيو ھو
مون ٻيھر ھڪڙو ٻار ٿي چيو ھو
چنڊ تہ لاھي ڏيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ گهڙي ان کري نہ ٿي گذري
وقت کي ونگ آهي پيرن ۾
هن گهڙيءَ جو الائي ڇا ٿيندو
هُن جو هر نازسُتل آ ننڊ ۾
منهنجو هي جنم رائگان ويندو.



پار انهيءَ لئي پيارو ناهي،
جو سورن ساڻ جڙيو ويو آهي-

.....

پار سان پيار
جسم سان پيار جو
نالو آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ردي ڪاڳر
ردي ماڻهو
ڏکڻو هٿ
ءِ ٻڪل قلم
رت مان ٻوڙي
جيئن ٿو چوري
ٻنيت ٻاري
دنيا کي شهڪار ملي ٿو

●

مان تہ سمهي پوان (مونکي ڇا هي؟)
تارن کي اڄ نند نہ ايندي
ڏاڍي ڏات ڏهاڳڻ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هي گيت لکيو جو آهي
کاڏي کيان ؟
ڇ کنهن کي ڏيان؟
آ سچ اهو !
کوبہ بکيو !
کنهن گيت منجهان کو ڏڻ نہ کري ٿو!
مها کوي کان مها ٿيو پاروٽو ڏوڏو!

سڄو مهينو لوڙيو آهي-
پگهار جو ڏينهن
اچي ويو آهي،
جڙ ٽيهڙ تپ
چڙهي ويو آهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پويون پهر، بسنتي رات
سڳنڌ هوا ۾ چانڊوڪي
ڪوڙي ڳيت ۽ ياد پرين
زندگيءَ جو ڪاڪ ٽيل



ڪٽمٽڙي جان تنهنجي جواڻي
ننڍڙي هارجيان مان آهيان
تون ٽي مُرڪين
روح ٽو سرڪي
وات ڪري ٽو پاڻي پاڻي
ڪٽمٽڙي جان تنهنجي جواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ سان چيچريل لاش ڏُري پيو
ڏسندي ڏسندي
سج لڙي ويو
شام اچي وئي!
ماڻهو آيا
ماڻهو ويا
رت دهو ايا نہ سُڪو!
رت دهو ايا نہ سُڪو!



وس پچي
هي وايو منڊل
هڪڙي هنڌ بيهاري
گهوري گهوري
هن ڪڙڪيءَ مان
رات سڃي
مان چند ڏسان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جون رهڙون
دڳ جا دڙڪا
جهرمر تارن جون
هي سُهڻون
چانڊوڪي ۽
چنڊ جون چڙون
پوتيءَ جي هڪ
پلوءَ ۾ ويڙهي
ڏوهه ثواب کي
ڏوراپا ڏئي
جيءَ جلي ڪا
نڪتي آ.



ٽُڪَ هجي تہ ڪٽي
اڇلائي ڇڏجي
جيون کي پلا
ڪاڏي ڪري
ڪاڏي ڪجي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتي ماتا
جي سيني تي
منهن پر اونڌو
لڳ لڳ گهايل
رت جي ڳيت
جيت امر آ تنهنجي جيت

●

زندگي هڙ هٽان کان خالي ٿي
موتندڙ چولين جان مائي ٿي
ڪيترو وقت ٿيو سمهي پئي آ-
منهنجي پاسي ۾ ماڻ پي چپ آ
آءٌ ڦٽڪان لڇان ۽ سوچان ٿو.
گول ڇت جو پکو ڦري ٿو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪلي شام
سرءُ جا جهوٽا
پن ڇڻي سانجهه
تنهنجيون
سپ يادون-
ميڙي چونڊي
گلاس ۾ لاهي-
گيت هڪڙيءَ سان
هيٺ لاهيان ٿو
پوءِ به هي شام هيڪلي آهي
ياد تنهنجي نويڪلي آهي

●

ڪکريءَ پاڇو
ڇڇريل من کي
اورانگهي ٿو
ايئن لڳي ٿو
ڪرٽ وهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرها ساهه
سُهايون راتيون
ڪنوارا جذبا
بيوه باتيون
جهرمر جيءُ
جهنجهوڙيل
جهاتيون
تو جي پاتيون
مون جي پاتيون
.....
ڪاڏي ويون

●

ورورواٽ
وٽيل واسينگن جهڙي
منزل موت کان
هڪ وک اڳتي
ميڇ پرينءَ جي
ماکيءَ جهڙي
.....
سوچي وٺ

ڪنهن پيتل
چترڪار جو
ڪو قاتل
ڪٿنواس آهي
هي منهنجو
ڳوٺ ته ناهي!
منهنجو ڳوٺ
آفريڪا ۾ آهي،
باقي ملڪ
يورپ لڳو پيو آهي



ٽُرڻ وٽن جي ٽارين
ڳاڙهو گونچ ڪڍي
ڏاڍي سونهن ڪئي آهي-
اڄ، چيت ۾ جهڙو
اميد سان ڪا
عورت آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداس من
اڄ ٻارن وانگي
پيٽ ورن ۾
ٽڪڙ نہ جھڙيون
سورن ھاڻيون
ڪوڙيون مڙيون
ڳالھيون کولي
روئي پيو...

سونھن جڏي
ڏرتيءَ تي ڏري
ڪا سوريتي ماءُ
سوچي ٿي-
ڇا ٻار
حرامي آھي
منھنجو ناھي؟؟؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



قوت واري
او ڪالي ديوي
هن نينهن نهوڑيل
ڪُنل ۽ ڳٽرا ڳٽرا ٽيل
ڪاريءَ ۾
جي ساهه وجهي
نه ٿي سگهين
ته پوءِ خبر اٿئي چا ٿيندو؟
تنهنجي پوڄا
ڪير ڪندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سازُ تارن جي ڇڄڻ کانپوءِ پي
دير تائين وڄي سگهي ٿو مَن!
تو تہ هاڻي ئي منهنڙو موڙيو آ
تو تہ هاڻي ئي منهنڙو موڙيو آ.

ڏات ڪُرڙيءَ جا ڦٽڪي ساڻي ٽي
وقت جي ڇارِ ئي اٽکي پئي
شاعري پوءِ بہ شڪاري بڻجي
سچ جا رڇ وڇائيندي وئي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙ تہ ڪي
نيڻَ خماريل آهن
تنهنجي سيني تي
زخم گولين جا
گل گلابي
ٽڙيا پيا آهن-



دل گهري ٿي
تہ باهہ سان کيڏان،
آءٌ ڪو ٻار
تہ ناهيان
جو چڊن سان کيڏان.

واءُ وڳلي ٿو ڏئي نيندَ
کو اچٽو آهي
سانت جاڳي ٿي چوي
سُمهه وڃي،
بند ڪري،
ڪن اکيون،
سوچ به ڪڙڪو آهي

سور سامائجي ويو آهي،
سونهن تنهنجي ٿي بانبڙا پائي
تون ئي چئُ،
ڪيستائين ميندي پنل
رنگ پنهنجي کي نيٺ ترسائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي من جي
ڪچڙي گونج ڪي
چپٽيءَ وچ ۾
چيپائي ۽ اڇلي
جڏهين،
پنهنجي چوپي جهڙي
نازڪ نڪ ۾ هڪڙو
ور وجهي
ٽي "هُون" ڪرين،
ڏاڍي ٽي وٽين



ايازجي ڪتاب
تي ٽيڪ ڏيئي
اڇي پني تي
ڪو شعر لکڻ
ايئن آهي جڙ
مُلن پاڙان
"يقاتلون في سبيل الله"
جهڙن تعذيرن
جي هار پائڻ بنا
پتائي ٽيڻ....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي واڇ ۾
جا ڦرندڙ ڪانتا-
هڪ هنڌ روڪي
بيهارڻ جي ڪوشش ڪندڙا
.....
وقت کي
روڪي سگهندين؟؟

●

نٽهڻ اُس ۾
ننڍڙا ٻار
اگهاڙين پيرين
شل پگهر ۾
ڪُڏن ٽپن ٽا
ڇڻ ته ڇهه ۾
ڇٽا ٽڙڪن ٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽاريون چيري
چيٽ ڦٽو آ
ڪونگو ٽارا
ڇڻ ڪي منهنجا
سپنا آهن

ڪوئي آهي
رات لڙيءَ جو
ڦوڪون ڏيئي
ڇُلهه اجهاڻل
ٻاري ويٺو-
نند به جڏهين
نند پئي آ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيسون ۾ رستا
خالي،
گھر ويران،
بارن جو چوڀول
۽ اوپاسيون
آنالو آچر جو-



تون چوين ٿو تہ
رڳو صبر ڪجي
شڪر ڪجي-
پوءِ بہ جي آءٌ ڪُڇان ٿو
تہ چوين ٿو چپ ڪر
پوءِ بہ جي سچ چوان ٿو
تہ سڏين ٿو
باغي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رات جون رهڙون
ڏڪ جا ڏڙڪا
جهرمر تارن جون
هي سُهڻون
چانڊوڪيون ۽
چنڊ جون ڇٽڙون
پوتيءَ جي هڪ
پلوءَ ۾ ويڙهي
ڏوهه ثواب کي
ڏوراپا ڏئي
جيءَ جلي ڪا
نڪتي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

چاھ جي چنگ کي تہ چوري ڇڏ
اڄ ستل سور کي تہ سوري ڇڏي.

سونھن سينگار ڪري ويني آھي
اڄ تہ ھي جان ان تان گھوري ڇڏ.

جھڙ جي ھيءَ جھاڳ جيءَ جھيرَ وجھي
اڄ ڪلي ڏي ھي جيءُ جھوري ڇڏ.

مند چوي ٿي اچين ھلي جيڪر
اڄ تہ دوريءَ جا بت پوري ڇڏ.

تند کي تيز تپائي ڇڏ تون
مات ڏاڻڻ جو مٿو موري ڇڏ.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفرتون هر طرف ڏند ڪرٽن ٿيون
سپ زبانون تکيون چريون ٿيون لڳن

وات ڪاٽن جان وڍڻ ويٺا هِن
اکيون الرون ڪيون ٿيون رانيوٽن

ساز جن پيار جا ٿي گيت چيا
جنگ جوٽڻ جون ويٺا رنيون ڪِن

تون چوين ٿي ته تو سان پيار ڪيان
چا ڪيان سور مونکي ڏونڊاڻين

پيار مون کان ته ٿي نه سگهندو پر
نفرتون پي ته مون کان ڪين ٿين

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

وساري ڇڏيون هئم، وسارڻ جون ڳالهيون
ڪيئي جيڪي وعدن جي پارڻ جون ڳالهيون

جياپي سان جهيڙيندي جڏهن هارايم
اڇڻ ياد لڳيون جيارڻ جون ڳالهيون.

مان سانجهي سرءُ جي، تون پريات آهين
ڇڏي ڏي اجايون آزارڻ جون ڳالهيون.

هي ڳالهيون ئي آهن، تون شرمائين چو ٿي
ڏکاريل دلين کي ڏتارڻ جون ڳالهيون.

مان سمجهان ٿو توسان ملي ڪين سگهندس
سڙي دل ڪري ڪچ ڳارڻ جون ڳالهيون

جواني جا پاڇا لڙن ٿا سگهو ڪر
نيائڻ، نهارڻ، پيارڻ جون ڳالهيون.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ڪنهن جي اکڙين جو اولڙو پيو آ
من جي هر گهاءَ ۾ لهي پيو آ.

دل جي دڪ دڪ جا پاتي ڊوڙ آهي
هانءُ منهنجو هڇي ڊهي پيو آ.

رات ساري آ منٽ ۾ گذري
صبح ٿيندي ئي هو رهي پيو آ.

سانجهه سرهي ۽ ڏنل تنهنجا گل
هي سمون گيت جان نهي پيو آ.

چنڊ ڏاڍو ٽڪل ٿو ڏسجي اڄ
رات مون ساڻ هت رهي پيو آ.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ چوڻ جو وقت نہ آهي،
اٿو اچو اڄ سچ چئو.

وقت نہ پاڻهي ايندو سائين!
ان کي گهلي وئي اچو.

ڪاڻي کي ڪاڻو ئي چئبو،
رات ڪڏهن ٻي ڏينهن ٿيو؟

آ سڄ لهي ويو ڪکن ۾،
هي جبل هٽايو تاءُ ڪيو.

ڏاڏو ڪوڙ ۽ هيڻو سچ ٿيو،
چا ٿي پيو ڙي چا ٿي پيو.

سچ چوڻ جو وقت نہ آهي،
اٿو اچو اڄ سچ چئو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ ڏات رُئي کي ڏينهن ٽيا،
اڄ منهنجا گيت اڏامي ويا.

ٽيو مانو پاڻي سنڌوءَ جو،
کا کائونٽي کانهي ناهه نيا.

کنهن ست ڏني ۽ تار چني،
سو ساز ٻڌو جنهن گيت چيا.

اڄ جيون ۾ کا جهاڻ نہ آ،
تون چپ چو آهين، ڳاءِ هَيا.

کا ميچ ملي، کو پيار ملي،
کا هير گهلي، تون آءُ پيا.

کا چٽنگ دکي ۽ باهه لڳي،
آ ٻنيٽ ٻاريون سيءَ پيا.

جانيءَ ريءَ هتي جڳ ۾ انور،
جي بہ جيا، سي جاڙ جيا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجي من جو گلابي گل، چنئي چاکئون لتاڙيئي ڇو،
بيهاريئي ڇو، گهرايئي ڇو ڪري ماٽا ٽي تاڙيئي ڇو.

ينيءَ جي پونءَ هئي پنيٽ، تنهنجي سنگيت سر چيڙيو،
اوجاڳيل آرسيل اکڙين جو هي آئت بگاڙيئي ڇو.

تنهنجن نيٽن نماڻن ۾ وفا توڙي جفا غائب،
تنهنجو واعدو وفا ڪاٽي، جفا جو قول پاڙيئي ڇو.

جواڻي ماڻ تون جاني، جدائي مون ڳنهي ورتي،
ڏنم توکي سڃيون راتيون مليم سپنا سي ساڙيئي ڇو.

سهائي رات چاندي جي گهلي وه وا ڏکڻ ڏيهي،
ڇپرکٽ تي منهي ننڍڙيءَ منجهان جاني ڏونڊاڙيئي ڇو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙ ويٺو ڦولين
اندا هجي تہ ليپي
ڪنهن کي ٿو ڳولين



جي ڪَمائي نہ ڪائي
پل ختمو ڏئي
حرام ٿو کائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ربُ ياد ڪر ميان
ڇڏ تہ يار
ننڊ ڪيان



ڪلڪ گھڙي وڻ
هاريل رت سڪي ويندو
ڪجھہ تہ لکي وڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڌ حياتي
ويٽنگ روم
هڪڙي جهاتي!



وقت به وڃڻو
هو به نه اڇڻو
آءٌ به نه رهڻو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر سڙئي جو اڏمو اينڌو
ٿورو ترس
گيت جڙي ويندو



پورٽا پوَني
درٿو کڙکي؟
ڪن ٽا لوَني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڻو آهي
تنهنجي اکڙين جو هي امرت
پيئڻو آهي



ڪونجون پنهنجا ولر سهيڙن
جهونجهڪڙيءَ جو جنڊ جي جهانءُ
گلڙا ماڪ ڦڙا ٿا ميڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق مارين ٿو
حيف هجئي انسان
وحشي جيوت جا نشان

ٻئو ٻڪو آهي
ٽُڪَ هجي زماني کي
عشق لڳو آهي

عشق ڏنو آ
آشيرواد
انارڪزم زنده باد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُڪَ لڳندي بہ لڳ ٿري ويا هن
پيار جو ڪو پاڇولو پيو آهي
ڏک پيئندي بہ نشو ناهي ٿيو
ڪنهن کي ڏسندي نشا چڙهي ويا هن

پڪ آهي تہ ڏينهن ٿيندو پر
هينئن اوندهہ تہ ڪانہ ڪا ويندي
تون جي اوندهہ کان اکيون بند ڪندين
باکَ ڦٽندي بہ جي هلي ويندي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ته ڳولين ٿو ڇانوَ جا پاڇا
تنهنجي ڪوتا مري چڪي آهي
نٽهڻ اُس ۾ نه نڪتو آن
تنهنجي ڏرتي ٻري چڪي آهي

سياڻي تائين بچياسين ته شعر لکنداسين
اڇوڪي رات ته گولين جو گهاڻ ٽي وئي آ-
وجود متجي وڃي، برقرار رهي-
خبر پوي ته پوءِ ڪو ٽاهه ٽاهي وجهنداسين.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽ انگورجڙ تي آيا هن
مند جون مست هوائون ٿيون لڳن
دل کي ٻئي هٿ وجهي وينو هان
تنهنجيون ميڇون ڏسان تہ ڇا ٿيون ڪن

وقت آيو تہ وڇڙي ويندا سون
اڄ تہ اڄ دل پري کو پيار ڪريون
ڪنهن بہ اسان جو لکيو ناهي،
تون ۽ مان اصل کان آزاد آهيون-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرخي لڳل چپن جا ٽاڪا ٽوڙي وڃاءِ،
سانجھ ٻہ سرخي لائي ڪنھن جو راڳ الاپي ويني.
رات ٽيڙ ڪان اڳ ۾ پنھنجي مونجھ مروڙي وڃاءِ،
سرخي لڳل چپن جا ٽاڪا ٽوڙي موڙي وڃاءِ.

جنمن جون چٽرون ۾ ٽوڪون روح تان روڙي وڃاءِ،
ھو ڏس وينا انڌياري ۾ آڳ الاپي ويني.
سرخي لڳل چپن جا ٽاڪا ٽوڙي موڙي وڃاءِ،
سانجھ ٻہ سرخي لائي ڪنھن جو راڳ الاپي ويني-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏيئي جي وٺ ڦڙڪو ڏيئي ڇاڻ وسامي ويئي،
اوندھ ٽيندي، ڏسي نہ سگھندين، لکي نہ سگھندين-
سج لٽي کان سڏکي سڏکي، رات آ روئي پيئي،
ڏيئي جي وٺ ڦڙڪو ڏيئي، ڇاڻ وسامي ويئي.

ڏيئو رت سان ٻار سگھو ڪر دل کي جھيرون ڏيئي،
جواني ويندءِ، رت نہ ھوندءِ، ڪيڏي نہ سگھندين.
ڏيئي جي وٺ ڦڙڪو ڏيئي ڇاڻ وسامي ويئي،
اوندھ ٽيندي ڏسي نہ سگھندين، لکي نہ سگھندين-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوها

دل تي لت ڏئي ٿو هڪڙو هلکو ٿهڪ ڏيان،
دنيا سان منهن ڏيڻو آهي کهڙي آڻ ميجان.

سانجهي سهڙي، چمڙا اڏريا، اولهه ڳاڙهي لاک،
جاڻ اچين ٿي، جاڻ اچين ٿي، ڦُٽي وئي آ باک.

ڪُڪڙن پويان دس هنيا هن، مونکي پور پون،
تنهنجي پايل چرکي چوري منهنجا ڪن لنون.

رات سمهي پئي پاسا کوڙي، مونکي نند نه آئي،
سندر سپنن، کوڙين سُرکين، منهنجي جاڳ جلائي.

ماڻ مري وئي ساز سڙي ويا کونهي کو پڙلاءُ،
گونگا ٻوڙا پاڇا کنهن جا ٻڌن کنهن جي لاءِ.

سار جڏهن پي آئي تنهنجي، سارنگ بڌجي آئي،
منهنجي من کي ٻارن وانگي رئاري کلائي زهائي.

ڪنهن جي ڪنهن جي ڪاڻ رڻان مان جڳ جڳاندرڪان،
اندر جي اوسات لڪائي، ڪلندو رهندو هان.

پيهي وڃ اندر ۾ منهنجي سڏڪي سڏڪي سور،
اٽڪي اٽڪي پوءُ نہ اندر ۾ وسڪي جهڙا پُور.

وڻ جون ٽاريون ترڙٽي ويون ڇٽي پيا سپ پن،
سرءُ جا سور سهان ٿو ان لئہ چيٽ ڦٽي پئي من.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٿي مند ڦري، هو شال وري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
ٿو هانوَ ڏري، اڄ قرب ڪري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
تون اُڏرنہ ڪنياتا وڃ نہ پري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
آ رات ڏِگهي ۽ صبح پري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
ٿي واڪ جهليان هي آهہ ڪري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
اوا دم ٿو گهٽجي چين مري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
جُهر جُهر، جُهر جُهر ڳچ ڳري،
مان ڪنهن سان سور سليان!
مان ڪنهن سان سور سليان، او جاني،
ڪنهن سان سور سليان!

مند وري آ، هيرگهلي ٿي، اچڻو آن تون، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

گونج نمن ۾، ڏيلها ڪرڙن، ٻيريون ٽندريون، ويا سيارا آءٌ پيار،
جهومن کونگو ٽارا.

سرنهن سندو قولا رڏسي ٿيا، مست هي ڏاگها سارا، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

هي بوڙيندا ۽ چنگ نہ ٻڌني! سڏني توکي ساوا ٽارا، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

اگڙ ٻهاريم، سهرا ڳاتم، ڪٽن نہ نياپو ڪنياتا ڪارا، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

ميندي رتڙا هٿ اچا ٿيا، ڦارون پائي وجهايان ڏارا، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

آءٌ پيارا، آءٌ پيارا، اچڻو آن تون، آءٌ پيارا،
جهومن کونگو ٽارا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



برکا رت جو رنگ رچي ويو
بوندن ساڻ بسنت اچي ويو.

ڪاري لوڻ بہ ٽي وئي سائي،
گونڇ گلن جو گوڙ مچي ويو،
بوندن ساڻ بسنت اچي ويو.

چيٽ ڦٽي ويو، تون چو نہ آئين،
من ۾ سڪ جو ممڙ مچي ويو،
بوندن ساڻ بسنت اچي ويو.

هير گهلڻ تي هانوُ هچي پيو
ڦرڙيءَ وانگي پيار پچي پيو
بوندن ساڻ بسنت اچي ويو.

سرءُ جو سَٽيل سيڪاٽيل پن
سڄي سڙڻ کان هاڻ بچي ويو
بوندن ساڻ بسنت اچي ويو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بن جاني اوت اترجي،
منهنجو انگ ڏکائي.
تنهنجي ياد ستائي-
مينهوڳيءَ جي مهڪ هوا ۾،
چيهو سرسان ڳائي.
تنهنجي ياد ستائي-
سنجهي سان ئي تنهنجو سپنو،
منهنجي نند ڦٽائي.
تنهنجي ياد ستائي-
چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل سهنتل،
ولهه ٿي وار سڪائي.
تنهنجي ياد ستائي-

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجو من اداس ڪنياتا،
لنوُ ڪا لات پرينءَ جي!
رت بسنتي موٽي آئي،
منهنجي من ۾ مونجهه اهائي،
پرينءَ نہ آهي واڱ ورائي.
چوٽون هي چوماس ڪنياتا.
لنوُ ڪا لات پرينءَ جي!
سنهڙي سنهڙي سرءُ ٽي وائي،
ڏکيل منهنجو ڏيل ڏکائي،
ڪانگا! چپ آن، ڇاهي؟
منهنجي آس نراس ڪنياتا!
لنوُ ڪا لات پرينءَ جي!
ايا بہ اوسيئڙو ٿو جياري،
سدا ٻنيي مان نينهن نهاري،
پريت ڪڏهن ٿو پريتم پاري.
آزاريندڙ آس ڪنياتا!
لنوُ ڪا لات پرينءَ جي!
منهنجو من اداس ڪنياتا!
لنوُ ڪا لات پرينءَ جي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اي بادلو، اي بادلو، چوٽا رُلو،
مون سان هلو اي بادلو.

منهنجي پرينءَ جي چيچ آ،
چلڙو جنهن ۾ گهرگهلو.
مون سان هلو اي بادلو.

منهنجو پرين جنهن آ ڏٺو،
تنهن کان پڇو چوٽا پلو.
مون سان هلو اي بادلو.

هي آس من جي تاس آ،
منهنجو ته هو آ پرجهلو.
مون سان هلو اي بادلو.

ڪاري گهٽا! چوٽي ڏکين،
هي چنڊ منهنجو چلولو.
مون سان هلو اي بادلو.

هن چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
نچندا هلو ڪڏندا هلو.
مون سان هلو اي بادلو.

هي هانوَ ٿو ٻڏندو وڃي،
من جي آڇل ۾ ٽرٽلو.
مون سان هلو اي بادلو.
مون سان هلو اي بادلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من مندر ۾ تو بن سهڻا،
ڏوپ نہ ڪوئي واس
الاوو
ڏوپ نہ ڪوئي واس!
تون ۽ مان ٻيو ناهيون جاني،
آهيون ڪوسو ماس
الاوو
آهيون ڪوسو ماس!
پورنماسي رات پري آ،
انڌيارو سپ آس،
الاوو
انڌيارو سپ آس!
ٽڏڙي ٽڏڙي رات اڌاري،
جسم سندو احساس،
الاوو
جسم سندو احساس!
چنڊ چڪور تہ پنهنجيءَ ۾ هن،
من ۾ آهہ اداس،
الاوو
من ۾ آهہ اداس!
منهنجي منزل ڏرتيءَ تائين،
ڳولیان ۾ آڪاس،
الاوو
ڳولیان ۾ آڪاس!

مُنڊَ جان مست نگاهون تنهنجيون
ڪارا بادل تنهنجا وار
منهنجا يار
آءٌ تہ جهڙالو ماڻيون!

رُت جو روح چريو ٿي پيو آ
منهنجي من کي چاٽي ويو آ
سينو ساڙي تنهنجي سار
منهنجا يار
آءٌ تہ جهڙالو ماڻيون!

گهنگهور گهٽا ٿي گوڙ مچائي
منهنجي ڪوتا پُور پچائي
سارنگ وينو چيڙي تار
منهنجا يار
آءٌ تہ جهڙالو ماڻيون!

مورنچي ٿو ڏيل ڏِلي ٿي
بوند وسي ٿي هير گهلي ٿي
ههڙي رُت ۾ توکان ڏار
منهنجا يار
آءٌ تہ جهڙالو ماڻيون!

پَرُبہ انو هو پيج پنيءَ جو
پَرُبہ پُسيو هو پاند چنيءَ جو
موتي آئي مند ملهار
منهنجا يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ تہ جھڑالو ماڻيون!
جيئن جيئن ڪلڻي ڪنوڙ ڪلي ٿي
اکڙين مان تيئن بوند هلي ٿي
پرينءَ! تنهنجو ڪهڙو پيار
منهنجا يار
آءُ تہ جھڑالو ماڻيون!
مند جان مست نگاهون تنهنجيون
ڪارا بادل تنهنجا وار
منهنجا يار
آءُ تہ جھڑالو ماڻيون!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

گيت ڏئي چڏ، سور ڳهي چڏ
جندڙي لڙڪ وهائي
جيئڻ سولو ناهي!
اوندهه جا اوڙاهه جي ايندا
سهبا سينو ساهي
جيئڻ سولو ناهي!
دنيا دارونءَ جو ٿي دونهون
چا ٿي ويو آ چا هي؟
جيئڻ سولو ناهي!
ڏات ڏکي ٿي ڏاڍ ڏنگي ٿو
ڏنپ اچي ٿو ڏاهي
جيئڻ سولو ناهي!
جان اصل کان اچٽي وڃي
پوئتي هٽڻو ناهي
جيئڻ سولو ناهي!
سوريءَ جو سينگار ٿئي پيو
ڪوئي چڙهندو ڦاهي
جيئڻ سولو ناهي!
دوکي جي هن دنيا اندر
مرڻ ته سولو آهي
جيئڻ سولو ناهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ياد پرين جي بڙچي بٽجي
منهنجو هاڻُ ڦٽي تي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!

رات ڪري ٿي جلهون مونتي
سانوڻ جي هي سانت سَتي ٿي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!

روئي ٿي، رئاري ٿي مونکي
منٺ ڪيان ٿو منهن مَٽي ٿي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!

تنهنجي آس اڪين ۾ آڻي
منهنجي سورن سير ڇُٽي ٿي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!

پرهه ڦٽي آ ڪويل ڪائي،
ڪوڪي ڪوڪي هانوءُ ڦٽي ٿي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!

ڏسندي ڏسندي سانجهي ٽاڻي
گهور پرينءَ جي ساهه گهٽي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي دانهن ڏيان!

ڪوڪي ڪوڪي ڪويل وانگي
ڪوتا منهنجي رات ڪٽي ٿي
ڪنهن کي دانهن ڏيان!
ڪنهن کي دانهن ڏيان! ڪنهن کي دانهن ڏيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


من جا منڙا سورَ سمهي پؤُ
رات لڙي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
نکٽ نهاري نستو ٽيو آن
کتي چڙهي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
کنهن جا ويٺو پور پچائين
گاک ڪڙهي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
تيل سڙي ويو رت سڙي ويو
وٽ سڙي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
کوئي اچڻو آهي ناهي
پريت پَڙي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
کانگل ڪرکي آهه اڏاڻو
لامر لڙي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!
جيجلُ جهاتيون پايان ويٺي
اک اڙي وئي آهي
کوئي اچڻو ناهي!

www.sindhsalamat.com -------- books.sindhsalamat.com

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
هي ماڻهو تنهنجن ٻيٽن کي
ڏرتي کان ڏار چني تا ڪن
ٽيون وايون تنهنجيون وارَ پٽن
ءِ سُرڙا تنهنجا اوسارن
هي ارهي سرهي دانهن ڏجان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
ڪنهن انڊوڪار انڌا ڪيا هن
تا ماڻهو توکي شاهه چون
ءِ تنهنجي راڳ رسالي کي
تا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن
تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!



اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاگر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا ٻه تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻه صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري **پَـنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نسُل وارا **پَنَ** ۾ مختلف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، برندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وڙھندڙ ۽ پڙھندڙ ۾ ٿي سگھن ٿا. ھيں لفظ ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪلب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ۽ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِڪَئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو ۽ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز ڪرڻ کان پو بيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو ۽ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن ۽ رُڪاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)